سال (18) | چنچر 18 جولاءِ 2026ع 03 صفرالمظفر 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 ويپيه | شمارو (295)

ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) | چنچر 18 جولاءِ 2026ع 03 صفرالمظفر 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 ويپيه | شمارو (332)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Saturday 18th July 2026

اوگرا پاران پيٽروليم مصنوعات جا اگهه روزانو جي بنياد تي مقرر ڪرڻ جو اعلان، عوامي حلقن حڪومتي اعلان رد ڪري ڇڏيو

حڪومت پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ قيمتون مقرر ڪرڻ جي ذميواري اوگرا جي حوالي ڪئي آهي. فيصلو شفافيت کي يقيني بڻائيندي رياست کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو

اهي اگهه ويب سائيٽ تي شايع ڪيا ويندا. اطلاعات، ليوي (levy) ۽ ڪاربن سپورٽ بين الاقوامي معاهدن مطابق آهن. ڪنهن کي به ذخيري اندازو ڪرڻ جي اجازت نه ڏينداسين: علي پرويز

جنگ ڪان اڳ واري سطح کي برقرار رکيو آهي ۽ عوام تي انهن معاهدن کان متاثرهن کو به اضافي بار نه وڌو ويو آهي. عالمي مارڪيٽ ۾ قيمتون وڌيون نه حڪومت سبسڊيز ذريعي 129 ارب رپيا سبسڊي ڏني وئي

نيشنل ڪميٽي آن مانيٽرنگ اينڊ ڪوآرڊينيشن ڪجهه بدعنوان مارڪيٽ عنصرن پاران پيٽروليم شين جي ذخيره اندوزي جو سخت نوٽيس وٺندي اوگرا کي لاڳاپيل ۽ ضروري ڪارروائيون ڪرڻ جي هدايت پڻ جاري ڪري ڇڏي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پيٽروليم بابت وفاقي وزير علي پرويز ملڪ چيو آهي ته حڪومت فيصلو ڪيو آهي ته "آئل اينڊ گيس ريگيوليٽري اٿارٽي" (اوگرا) عالمي مارڪيٽ جي مطابق روزاني بنيادن تي قيمتون مقرر ڪندي ۽ اهي اگهه ويب
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: پاڪستان ۽ چين جي دواساز ڪمپنين وچ ۾ معاهدا ٿي رهيا آهن. وزيراعظم شهباز شريف پڻ موجود آهي

آمريڪا کليل جارحيت جو رستو اختيار ڪري ورتو، چابهار جو واچ ٽاور ۽ پل تباهه، 8 ايراني مارجي ويا

چابهار بندرگاهه تي ساموئنڊي واچ ٽاور آمريڪي حملي ۾ مڪمل طور تي تباهه ٿي ويو: ايران جي ميڊيا

تهران (م ڊ) آمريڪا مسلسل ڇهين ڏينهن به ايران خلاف هوائي حملن جو سلسلو جاري رکيو جنهن ۾ اڄ ڪيترن ئي شهري
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهر جي اندرا 35 سالن جي نوجوان جو ڦاهو لڳل لاش هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي لياري ۾ آگرا تاج ڪالوني جي تاج مسجد واري گهٽي ۾ گهر جي اندر 35 سالن جي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سيڪيورٽي فورسز جون بنون ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ڪارروايون، ڀارتي حمايت يافته 24 دهشتگرد مارجي ويا

فوجي جوانن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي انگ ۾ هٿيار، گولا ۽ بارود هٿ ڪيو ويو، سنڌن ٺڪاڻن کي تباهه ڪيو ويو، علائقي ۾ سرچ آپريشن

موجب لهي دهشتگرد ڪيترين ئي دهشتگرد ڪارروايين ۽ بيگناهه شهرين جي قتل ۾ ملوث هئا، بنون ۾ تازين دهشتگرد ڪارروايين ۽ خودڪش ٺملڪي ڪلهوءَ سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون جاري

دهشتگردن ۽ سنڌن سهولتڪارن خلاف گڏيل انٽيليجنس بنياد تي آپريشن به شروع ڪيا ويا، دهشتگردي خلاف جاري ڪارروايون مڪمل قوت سان جاري رهنديون: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪ فوج جي سيڪيورٽي فورسز بنون ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ڪارروايون دوران ڀارتي حمايت يافته تنظيم فتنه الخوارج سان واسطو رکندڙ 24 دهشتگردن کي مارڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پاڪ فوج جي شعبي آءِ ايس پي آر موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران بنون ۽ ڀرپاسي ۾ ٿيل فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 24 دهشتگرد مارجي ويا، جن جي قبضي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

پاڪستان ۽ چين جو اميگريشن، بارڊر مئنجمينٽ تعاون، گڏيل ورڪنگ گروپ قائم ڪرڻ جو فيصلو

طلال چوڌريءَ سان چين جي نيشنل اميگريشن ايڊمنسٽريشن جي ڊائريڪٽر جنرل چي جنگ يانگ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ اعليٰ سطح وفد ملاقات ڪئي

غير قانوني اميگريشن، هٿيارن جي اسمگلنگ ۽ سرحد پار ڏوهن خلاف گڏيل ڪارروايون کي مؤثر بڻائڻ جو فيصلو

پاڪستان حڪومت غير قانوني اميگريشن ۽ اسمگلنگ خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تي عمل ڪري رهي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي ۽ مملڪتي وزير طلال چوڌريءَ سان چين جي نيشنل اميگريشن ايڊمنسٽريشن جي ڊائريڪٽر جنرل چي جنگ يانگ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ اعليٰ سطح وفد ملاقات ڪئي جنهن ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ اميگريشن، بارڊر مئنجمينٽ ۽ اداره جاتي تعاون کي وڌائڻ
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

قوم پنهنجي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان ڪُلهو ڪُلهي ۾ ملائي بيٺل آهي: صدر

صدر پاران بنون ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ فتنه الخوارج خلاف ڪامياب ڪارروايون تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

فتنه الخوارج جي 24 دهشتگردن کي جهنم پهچائڻ ڪرڻ سيڪيورٽي فورسز جي پيشيورانه مهارت، عزم ۽ قربانين جو مظهر آهي

قوم پنهنجي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان ڪُلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي: صدر آصف علي زرداري

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري بنون ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ فتنه الخوارج خلاف ڪامياب ڪارروايون تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته ڀارتي سرپرستي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪوريئر ڪمپني جي ٽرڪ جو آن لائين بائيڪر کي ٽڪر، مسافر فوت، نوجوان زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي بلال چورنگي جي ويجهو روڊ حادثي ۾
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاسداران انقلاب جي شام ۾ آمريڪي فوجي اڏي تي حملي ۽ فوجي مارڻ جي دعويٰ

آپريشن نصر 2 جي ٻارهين لهر تحت شام جي التنف علائقي ۾ ايراني فورسز حملو ڪيو

ريڊار سسٽم تباهه، اسپيشل آپريشنز لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪيترائي هيليڪاپٽر به نشانو بڻايا ويا

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران جي پاسدارانِ انقلاب دعويٰ ڪئي آهي ته هنن آمريڪي حملن جي جواب ۾ آپريشن نصر
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ پاليسي سازن، ميڊيا، سول سوسائٽي ۽ خانگي شعبي ۾ مضبوط سهڪار جي ضرورت آهي: قاضي اسد عابد

ميڊيا کي اهم قومي معاملن تي باخبر ۽ تعميري قومي بحث کي فروغ ڏيڻ ۾ مؤثر ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

پائيدار ترقي لاءِ سرڪاري، علمي ادارا، خانگي ادارا، ميڊيا ۽ ترقياتي تنظيمن کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي

ترقياتي معاملن کي مرڪزي ڌارا جي ميڊيا ۾ وڌيڪ جاءِ ملڻ گهرجي، محمد انور، پرويز ذوالفقار، شفقت عزيز ۽ ٻين جو اظهار

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) پاڪستان کي درپيش ترقياتي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ پاليسي سازن، ميڊيا، سول سوسائٽي ۽ خانگي شعبي وچ ۾ وڌيڪ مضبوط سهڪار ۽ رابطن جي ضرورت آهي. جيئن
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: فريڊم گيٽ پراسپرٽي جي آفيس جي دوري جي موقعي تي اڳوڻو قومي اسيمبلي جو ميمبر ۽ عبرت گروپ آف پبليڪيشن جو چيئرمين قاضي اسد عابد ڳالهائي رهيو آهي. ٻئي طرف ايف ڊبليو جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر محمد انور قاضي اسد عابد کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

بزدلاڻن حملن ۾ ملوث سڀني عنصرن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو: وزيراعظم

بنون ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ 24 دهشتگرد مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

دهشتگردن خلاف مؤثر ڪارروائيون سارهڻ جوڳيون آهن، پوري قوم پنهنجي بهادر جوانن سان گڏ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بنون ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ انٽيليجنس تي ٻڌل بنياد تي ڪامياب ڪارروايون دوران ڀارتي حمايت يافته فتنه الخوارج جي 24 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي خراج تحسين پيش ڪيو
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ گهٽ آمدني وارن گهرن کي صاف، سستي ۽ پائيدار توانائي فراهم ڪرڻ پهرين ترجيح آهي: وڏو وزير

منصوبي جو مقصد 275,000 مستحق گهرن کي مفت سولر تي هلندڙ بجلي جا حل فراهم ڪرڻ آهي

توانائي کاتو سڄي صوبي ۾ سولر هوم سسٽم ڪٽس جي ورڇ ۽ انسٽاليشن کي وڌيڪ تيز ڪري

بينظير انڪم سپورٽ ۾ غربت جو اسڪور 0 کان 20 تائين رجسٽرڊ ٿيل خاندانن کي ترجيح ڏني پئي وڃي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه توانائي کاتي کي هدايت ڪئي آهي ته سڄي صوبي ۾ سولر هوم سسٽم (SHS) ڪٽس جي ورڇ ۽ انسٽاليشن کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي جنهن سان گهٽ آمدني وارن گهرن کي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت ۾ غريب گهرن کي سولر سسٽم ڏيڻ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

آزاد ڪشمير جي اڳوڻي وزيراعظم تنوير الياس جي قافلي تي فائرنگ، گارڊ قتل

واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري، قانون کي هٿ ۾ کڻندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي: پوليس

مظفرآباد (م ڊ) آزاد ڪشمير جي ڊي آءِ جي راجا اڪمل اطلاع مليو آهي آزاد ڪشمير جي اڳوڻي وزيراعظم تنوير الياس جي ترجمان وزيراعظم تنوير الياس جي قافلي تي ٿائين ڊلڪوٽ واري علائقي ۾ فائرنگ ٿيڻ جو
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران حڪومتي پاليسي قدم ۽ ڪاروبار ايڪٽ 2025ع لاڳو ڪرڻ جو عمل تيز ڪرڻ جي هدايت

وزيراعظم جي صدارت ۾ ڪاروبار ۾ آساني جي لاءِ قدمن جو جائزو وٺڻ جو اجلاس ٿيو، وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ، قيصر احمد شيخ، چام ڪمال خان، احد خان چيمه، سيد مصطفيٰ ڪمال ۽ ٻيا شريڪ

پاڪستان ۾ مقامي ۽ پرڏيهي سيڙپڪاري جي وڏي صلاحيت مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ ۽ ڪاروبار ۾ آساني جي لاءِ پاليسي قدم، لاڳو ڪرڻ بابت جامع رپورٽ جوڙي جلد پيش ڪرڻ جو حڪم

ملڪ ۾ ڪاروبار ۾ آساني لاءِ مختلف ضابطن، ڪاغذي ڪارروايون ۽ منظورين کي گهٽ ڪرڻ جي حوالي سان 558 سڌارن تي ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي، جن مان 71 پاليسي قدم لاڳو ٿي چڪا آهن

لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن جي ڪارڪردگي جانچڻ ۾ انهن طرفان ڪاروبار ۾ آساني جا قدم لاڳو ڪرڻ ۽ انهن جي ڪري پيدا ٿيندڙ روزگار جي موقعن کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏني وڃي: وزيراعظم جي هدايت

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف مقامي ۽ پرڏيهي سيڙپڪاري کي حڪومت جي اولين ترجيح قرار ڏيندي ڪاروبار ۾ آساني جي لاءِ حڪومت جي پاليسي قدمن ۽ ڪاروبار ايڪٽ 2025ع کي لاڳو ڪرڻ جو عمل تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. وزيراعظم محمد شهباز
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

عوامي مسئلن جو حل سنڌ حڪومت جي آئيني ۽ اخلاقي ذميواري آهي: علي خورشيدي

حڪومت جي ناقص ڪارڪردگي سبب ملير جا رهواسي بنيادي سهولتن کان محروم آهن

اسان عوام جا مسئلا سنڌ اسيمبلي اندر ۽ ٻاهر هر فورم تي ڀرپور نموني اٿارينداسين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن سان گڏ ضلعي ملير جي مختلف علائقن جو تفصيلي دورو ڪيو دوري دوران علي خورشيدي مختلف يونين
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ مصر جا لاڳاپا گڏيل قدرن، گڏيل احترام ۽ پراڻي دوستيءَ تي قائم آهن: چام ڪمال

ٻنهي ملڪن کي روايتي واپار کان اڳتي وڌي اسٽريٽجڪ اقتصادي حصيداري قائم ڪرڻي پوندي

غزه لاءِ پاڪستاني انساني امداد جي رسد ۾ مصر جو تعاون ساراهه جوڳو آهي: واپار وارو وفاقي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) واپار واري وفاقي وزير چام ڪمال خان چيو آهي ته پاڪستان مصر سان پنهنجي تاريخي ۽ پائيدار لاڳاپن کي خاص اهميت ڏئي ٿو. پاڪستان ۽ مصر جا لاڳاپا گڏيل قدرن، گڏيل احترام ۽
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن ويجهو ريلوي پٽڙي تان نوجوان جو لاش هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ريلوي ڪينٽ اسٽيشن ٿاڻي جي حد ڪينٽ اسٽيشن جي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: واپار وارو وفاقي وزير چام ڪمال خان مصر جي سفير سان گڏ مصر جي قومي ڏهاڙي جي تقريب ۾ ڪيڪ ڪاٽي رهيو آهي

ڪراچي ريڊ لائين بي آر ٽي پراجيڪٽ عوام لاءِ هڪ اهم ۽ انقلابي سفري منصوبو آهي: شرجيل ميمڻ

سمورا لاڳاپيل ادارا مقرر مدي اندر رٿا کي مڪمل ڪرڻ لاءِ پنهنجون ذميواريون اثرائتي انداز ۾ ادا ڪن

سنڌ حڪومت شهرين کي بهتر، محفوظ، جديد ۽ ماحول دوست سفري سهولتن جي فراهمي لاءِ قدم کڻي پئي

منصوبي سان جديد پبلڪ ٽرانسپورٽ نظام کي هٿي ملندي ۽ ٽريفڪ جي مسئلن ۾ نمايان گهٽتائي ايندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت ڪراچي جي ٽريفڪ ۾ بهتري ۽ شهرين کي جلد کان جلد رليف فراهم ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي روڊ جي مڪسڊ ٽريفڪ لين کي جلد کولڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت ۾ اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

گهرو وزير سجاول ۾ پوليس مقابلي دوران اهلڪار جي شهادت واري واقعي جو نوٽيس وٺندي رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڊيفنس ۾ ٿاڻي جي رهواسي پوليس اهلڪار پاڻ کي گولي هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي

ديفنس خيابان بدر ۾ بنگلي تي ڊيوٽي ڪندڙ اهلڪار دل مراد پاڻ تي فائر ڪري اپگهات ڪيو

ڊي آءِ جي سائوٿ سنڌ پوليس ٿاڻي جو اهلڪار هو پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي درخشان ٿاڻي جي علائقي ڊيفنس فيز 5 خيابان بدر ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ شخص
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

مڪه مڪرمه ۾ قرآن شريف جي هڪ هزار سال قديم نسخي جي نمائش

مڪه مڪرمه (اي پي پي) حرمين الشريفين ۾ ديني معاملن واري اداري جي اهتمام
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2



ٽوڪيو: پاڪستان جو سفير عبدالحميد جاپاني مهمان کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي



اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال تقريب ۾ ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي ۾ واٽر ٽينڪر جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت، مهربل ماڻهن گاڏي ساڙي ڇڏي

شيخ زيد يونيورسٽي ويجهو واٽر ٽينڪر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار سعد فوت ٿي ويو

ڪاوڙيل ماڻهن حادثي ۾ ملوث پاڻي جي ٽينڪر کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو، احتجاج

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ يونيورسٽي روڊ تي شيخ زيد يونيورسٽي ويجهو پاڻي جي ٽينڪر جي ٽڪر ۾
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ميڊيا مانيٽرنگ جي نظام کي جديد گهرجن موجب نئين ۽ شفاف بڻايو وڃي: ڪاشف گلزار شيخ

سيڪريٽري اطلاعات ڊائريڪٽوريٽ آف سوشل اينڊ ڊجيٽل ميڊيا ۾ هڪ اهم اجلاس جي صدارت ڪئي

ميڊيا ڪوريج جي جامع نگراني، خبرن جي بروقت ڪمپائليشن، تجزياتي رپورٽن ۽ ٻين معاملن تي غور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سيڪريٽري اطلاعات سنڌ ڪاشف گلزار شيخ اڄ ڊائريڪٽوريٽ آف سوشل اينڊ ڊجيٽل ميڊيا
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

پريا ڪماري ايڪشن ڪميٽي پاران معصوم ٻارڙن جي بازيابي لاءِ ٻيرلو بائي پاس تي ڌرڻو

مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ٻيرلوءِ پهچي پنجاب ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ کي معطل ڪري ڇڏيو

21 ڏينهن کان ڌرڻي باوجود سنڌ حڪومت پريا ڪماري سميت گم ٿيل معصوم ٻارڙن جي بازيابي لاءِ ڪجهه نه ڪيو: مظاهرين

ايس ايس پي خيرپور ۽ سکر ڌرڻي هنڌ پهچي ڳالهين ڪامياب ٿيڻ بعد روڊ کوليو ويو

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور)خيرپور: پريا ڪماري ايڪشن ڪميٽي طرفان سنڌ جي مختلف علائقن مان اغوا ۽ گم ٿيل معصوم ٻارڙن جي بازيابي لاءِ ٻيرلو بائي پاس تي ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪيو ويو جنهن
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

غيرقانوني ڪاٽين جي ڪوتائي، اختيارن جي ناجائز استعمال، بدعنواني برداشت نه ڪبي: سردار شاهه

عوامي شڪايتن تي فوري ڪارروائي حڪومت جي شفاف ۽ جوابده نظام جو اهم حصو آهي

غيرقانوني ڪاٺ ڪوتائي تي ريجنل آفيس منرل ڊولپمينٽ حيدرآباد جي آفيسر معطل ڪيو ويو آهي

ڪراچي (بيوروپورٽ) سنڌ جي وزير معدنيات سيد سردار علي شاهه چيو آهي ته صوبي ۾ غيرقانوني ڪاٺ ڪوتائي اختيارن جي ناجائز
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

پ پ جي 18 سالن جي حڪمراني ڪراچي کي بدترين مسئلن ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي: حليم عادل

سالن تي ڪروڙ آبادي واري شهر لاءِ رکيو 108 ڪروڙ رپين جي بجيٽ رکڻ کليل ناانصافي آهي

شهر جي ميڊيائيٽ تي ڌاڙو هڻڻ ڪان پوءِ هاڻي شهرين جا مالي ۽ انتظامي حق به کسيا پيا وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) سنڌ جي اڳواڻ حليم عادل شيخ چيو آهي ته ڪراچي کي ان جو
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير جون چونڊون صاف، شفاف ۽ منصفاڻيون ڪرايون وڃن: ڪاشف سعيد شيخ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ آزاد ڪشمير جي موجوده چڪتاڻ واري
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: ليگل ايڊ سوسائٽي ۽ حڪومت سنڌ جي سهڪار سان ٿيل تقريب ۾ گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، بئريسٽر حيا ايمان زاهد، جسٽس (ر) عارف حسين خلجي، ڪرشن شرما ۽ ٻيا شريڪ آهن

پاڪستان ۽ چين جي لازوال دوستي باهمي اعتماد ۽ ترقي جو روشن مثال آهي: گورنر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي سان چين جي قائم مقام قونصل جنرل مسٽر فينگ ڍهينگ
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ پيٽرول، ڊيزل ۽ ٻين پيٽروليم شين جي بنا رڪاوٽ فراهمي پهرين ترجيح آهي: چيف سيڪريٽري

پيٽروليم شين جي دستيابي، ذخيرن ۽ سپلائي چين جو جائزو وٺڻ لاءِ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

ڪمشنرن، ڊپٽي ڪمشنرن ۽ پوليس عملدارن کي اوگرا جي انسپيڪشن ٽيمن سان سهڪار جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ صوبي ۾ پيٽروليم شين جي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

اين ايف سي ايوارڊ جي ورهاست ۾ پيٽروليم ليوي جو سمورو ٽيڪس وفاق قبضي ۾ ڪيو آهي: زين شاهه

سنڌ حڪومت به ان عمل تي اعتراض ڪرڻ بدران ترقياتي بجيٽ مان بچت ڏيکارڻ تي راضي ٿي وئي آهي

وفاق صوبن کان ايندڙ ٽن سالن ۾ 960 ارب رپيا آئين کي نظرانداز ڪندي وصول ڪرڻ جي منصوبابندي ڪري رهيو آهي

عمرڪوٽ ۾ سيمينار کي لال مالهي، زاهد نون، اظهر آرائين، رمضان ابڙو ۽ ٻين جو خطاب

عمرڪوٽ (رپورٽ قاضي يوسف) عمرڪوٽ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (ايس يو پي) جي اهتمام هيٺ پاڻي جي ڪوٽ، اين ايف سي ايوارڊ، نون ڪئنالن ۽ سنڌ جي وسيلن بابت سيمينار منعقد ٿيو جنهن ۾
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2



عمرڪوٽ: ايس يو پي سربراهه سيد زين شاهه پي ٽي آءِ جو اڳوڻو ايم اين اي لال مالهي ۽ ٻيا تقريب ۾ شريڪ آهن

جي ايس بئنڪ ايشيئن بئنڪنگ اينڊ فنانس ايوارڊز 2026 ۾ ٽي اهم اعزاز حاصل ڪري ورتا

ايس ايم اي بئنڪ آف دي ايئر، پرائيويٽ بئنڪ آف دي ايئر ۽ پاڪستان ڊوميسٽڪ ايم اي آءِ

اهي اعزاز حاصل ڪرڻ اسان جي مسلسل محنت، جدت ۽ عزم جي مڃتا آهي: آفيسر ياسر شمسي

ڪراچي (رپورٽ: صالح بلوچ) پاڪستان جي تيزي سان ترقي ڪندڙ بئنڪن مان هڪ جي ايس بئنڪ کي ايشيئن بئنڪنگ
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

عورتن ۽ ٻارن جي حقن جي ڀڃڪڙي وارن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل ڪوشش جي ضرورت آهي: گهرو وزير

هن معاملي ۾ حڪومت، عدليه، سول سوسائٽي ۽ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ اثرائتي سهڪار انتهائي ضروري آهي

سنڌ حڪومت انساني حقن جي تحفظ ۽ عوام کي بروقت انصاف جي فراهمي لاءِ اثرائتا قانون جوڙڻ چاهي ٿي

ليگل ايڊ سوسائٽي تحت قائم سنڌ ليگل ايڊوائزري ڪال سينٽر جي تشهير کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءُ الحسن لنجار چيو آهي ته عورتن جي حقن، ٻارن جي تحفظ، وراثت کان محرومي، سرپرستي (گارڊين شپ) ۽ قانوني سهائتا جهڙن معاملن جو حل صرف حڪومتي قدمن سان ممڪن ناهي، پر ان لاءِ حڪومت، عدليه، سول سوسائٽي ۽ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ اثرائتي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مبينا پوليس مقابلي ڪانپوءِ ٻن زخمين سميت چار افغاني ڦورو گرفتار

طارق روڊ واري علائقي ۾ ڏوهاري ٽولو ڦر جون وارداتون ڪري رهيو هو ته پوليس پهچي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي شاهراهه
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ نوجوانن کي روزگار ڏيڻ ۽ هنرمند بڻائڻ لاءِ خانگي فورم جوڙڻ جو فيصلو

اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرس جي سيڪريٽري منور علي مهيسر جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو

يونائيٽيڊ نيشنز پاپوليشن جي وفد سان اجلاس ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ فورم جوڙڻ بابت ڳالهيون ٿيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پاران نوجوانن کي روزگار، هنرمندي ۽ خانگي شعبي سان ڳنڍڻ لاءِ پبلڪ پرائيويٽ
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

چوهڙجمالي پرسان پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو، هڪ پوليس اهلڪار شهيد، هڪ سخت زخمي

ڳوٺ مجيد اوٺو جي مرزا موري واري علائقي ۾ ڏوهاري لڪل هجڻ جي اطلاع تي پوليس ڇاپو هنيو ته مقابلو ٿي پيو

فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ٻه اهلڪار واجد سومرو ۽ غلام مصطفيٰ چانڊيو گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا

زخمين کي اسپتال نيو ويو جتي واجد سومرو زخمن جا سور نه سهندي شهيد ٿي ويو

سجاول / چوهڙجمالي (رپورٽ: هدايت ڪنڀر/ ڊاڪٽر اقبال ڪنڀر) چوهڙجمالي پرسان پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلي هڪ پوليس اهلڪار شهيد، هڪ سخت زخمي. 15 ڄڻا حراست ۾، سنڌ جي گهرو وزير جو
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

واقعي ڪانپوءِ پوليس علائقي کي گهيري ۾ آڻي سرچ آپريشن شروع ڪيو

آپريشن دوران اوٺو برادري سان تعلق رکندڙ 15 ڄڻن کي جاچ لاءِ حراست ۾ ورتو

چوهڙ جمالي: واقعي ڪانپوءِ پوليس علائقي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ايس ايس پي سجاول عليزه راڄپر مڪلي اسپتال پهچي زخمي اهلڪار جي عيادت ڪئي

چوهڙجمالي: جڏهن ته غلام مصطفيٰ چانڊيو سخت زخمي حالت ۾ علاج هيٺ آهي. ايس ايس پي سجاول عليزه راڄپر مڪلي
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2



سجاول: پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلي دوران شهيد ٿيل اهلڪار جو لاش ٻئي طرف زخمي پيل آهي

ايران، غزه ۽ لبنان تي فوجي حملا عالمي قانونن جي کليل ڀڃڪڙي آهن: زين رضوي

اهڙيون ڪارروايون وچ اوڀر جي امن ۽ استحڪام لاءِ سنگين خطرو بڻجي چڪيون آهن

عالمي برادري ۽ گڏيل قومون اسرائيل ۽ آمريڪا جي مبينا جنگي ڏوهن جو فوري نوٽيس وٺي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مجلس وحدت المسلمين ڪراچي جي جنرل سيڪريٽري سيد زين رضوي ايران، غزه ۽ لبنان تي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

پورٽ قاسم تي ڪيترن ئي ميگا ترقياتي منصوبن تي ڪم جاري آهي: اختياريون

بندرگاهه جي نظام کي جديد بنيادن تي استوار ڪرڻ لاءِ به اهم قدم کنيا پيا وڃن

ترقياتي منصوبن سان ملڪي واپار، درآمد ۽ برآمد جي سرگرمين کي نئين رفتار ملندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پورٽ قاسم تي جهاز راني واپار ۽ لاجسٽڪس جي شعبي ۾ ڪيترن ئي ميگا ترقياتي منصوبن تي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ناميارو قانوندان ۽ پ پ اڳواڻ پير مظهرالحق هڪ ڀيرو ٻيهر حيدرآباد هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ۾ شامل

بار آفيس پهچڻ تي وڪيل اڳواڻن اياز تنيو، سيد شهزاد ارشاد شاهه، ميرزادي ٿيٻو ۽ ٻين ميمبرن پاران شاندار استقبال

اڳواڻن پاران پير مظهرالحق کي پنهنجي اصل بار ايسوسيئيشن ۾ واپسي تي دل جي گهراين سان ڀليڪار ڪيو ويو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبر ۽ اڳوڻي سينئر صوبائي وزير پير مظهرالحق هڪ ڀيرو ٻيهر حيدرآباد هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ۾ شموليت اختيار
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2



حيدرآباد: هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ۾ ٻيهر جوائن ڪرڻ تي پ پ سي اي سي جي ميمبر ۽ اڳوڻي سينئر صوبائي وزير پير مظهرالحق کي ايڊووڪيٽ ميرزادي ٿيٻو، اياز تنيو، شهزاد ارشد شاهه، فهيم آزاد گهلو ۽ ٻيا ڀليڪار چئي رهيا آهن



Daily Ibrat Karachi

بقايا | 1 | روزاني عبرت

مان هٿيار ۽ گولا بارود پڻ هٿ ڪيا ويا. آءِ ايس پي آر موجب اهي دهشتگرد ڪيترين ئي دهشتگرد ڪاررواين ۽ بيگناهه شهرين جي قتل ۾ ملوث هئا. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته بنون ۾ تازين دهشتگرد ڪارروائين ۽ خودڪش ڌماڪي ڪانپوءِ سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون جاري آهن جڏهن ته دهشتگردن ۽ سندن سهولتڪارن خلاف گڏيل انٽيليجنس بنياد تي آپريشن به شروع ڪيا ويا آهن. اداري موجب دهشتگردي خلاف جاري ڪارروايون مڪمل قوت سان جاري رهنديون.

بقايا | 2 | روزاني عبرت

تي اتفاق ڪيو ويو. ملاقات دوران غير قانوني اميگريشن هٿيارن جي اسمگلنگ ۽ سرحد پار ڏوهن خلاف گڏيل ڪاررواين کي مؤثر بڻائڻ جو فيصلو ڪيو ويو جڏهن ته اميگريشن پراسز کي وڌيڪ تيز بڻائڻ لاءِ هڪ معاهدي کي جلد حتمي شڪل ڏني ويندي. ان موقعي تي بارڊر مئنجيمينٽ ۽ سيڪيورٽيءَ جي نگرانيءَ لاءِ هڪ پاڪ-چين گڏيل ورڪنگ گروپ قائم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو. گهرو وزير ڳالهائيندي چيو ته لينڊ بارڊر سي پورٽس ۽ اميگريشن مئنجمينٽ ۾ چين سان تعاون وڌايو ويندو. هن واضح ڪيو ته پاڪستان حڪومت غير قانوني اميگريشن ۽ اسمگلنگ خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تي عمل ڪري رهي آهي ۽ ان ڏوهن ۾ ملوث ماڻهن خلاف بنا فرق جي ڪارروائي ڪئي پئي وڃي. خنجراب پاس تي سيڪيورٽيءَ کي مضبوط بڻائڻ لاءِ چيڪ پوسٽ قائم ڪئي پئي وڃي. مملڪتي وزير طلال چوڌري چيو ته گڏيل تعاون سان سرحدي ڏوهن جي روڪٿام ڪنداسين. چيني وفد جي سربراهه چي جنگ يانگ پاڪستان جي قدمن کي ساراهيندي چيو ته چين ۽ پاڪستان اسٽريٽجڪ پارٽنر آهن ۽ چين پاڪستاني ادارن جي سگهه وڌائڻ ۾ تعاون جاري رکندو. ملاقات ۾ چيني وفد، گهرو وزير محسن نقوي کي چين جي گهرو وزير طرفان پبلڪ سيڪيورٽي فورم ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، جڏهن ته ايف آءِ اي جي وفد کي پڻ دعوت ڏني وئي. چيني سفير ان موقعي تي ٻڌايو ته پاڪستاني پوليس آفيسر هلنڊڙ مهيني تربيت لاءِ چين وڃي رهيا آهن جڏهن ته چيني استاد پاڪستان ۾ اسپيشل پروٽيڪشن يونٽ جي اهلڪارن کي چيني ٻوليءَ جي خاص تربيت فراهم ڪري رهيا آهن. هن اهم ملاقات ۾ چيني سفير گهرو سيڪريٽري، ڊي جي ايف آءِ اي ۽ ٻيا شريڪ هئا.

چامشورو، بدين، ٺٽو، سجاول، قمبر-شهدادڪوٽ، جيڪب آباد، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊوالهيار، مٽياري، سکر، ڪشمور سميت ٻين ضلعن جي ڏورانهن برادرين ۾ مڪمل ڪيون ويون آهن. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته هي پروجيڪٽ، جيڪو اپريل 2025 ۾ شروع ٿيو هو، جون 2027 تائين مڪمل ٿيڻ جو امڪان آهي. لاڀائيندڙن جي چونڊ وڏي وزير چيو ته آن گرڊ حصي لاءِ لاڀائيندڙن جي چونڊ پروٽيڪٽڊ بجلي صارفين مان ڪئي پئي وڃي جيڪي هر مهيني 0 کان 100 يونٽ استعمال ڪن ٿا، جڏهن ته آف گرڊ حصو ڏورانهن ريگستاني، ڪوهستاني ۽ ڪچي جي علائقن ۾ رهندڙ غريب گهرن کي نشانو بڻائي ٿو. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) ۾ رجسٽرڊ ٿيل انهن خاندانن کي ترجيح ڏني پئي وڃي جن جو غربت جو اسڪور 0 کان 20 جي وچ ۾ آهي. نيشنل انرجي اينڊ ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن ليمٽيڊ (NETC) سولر ڪٽس فراهم ڪري رهي آهي، جڏهن ته سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO) انسٽاليشن ۽ وڪري کان پوءِ جي خدمتن جي ذميوار آهي، جنهن ۾ ٻن سالن جي سار سنڀال (مينٽيننس) جي وارنٽي به شامل آهي. سي ايم پارن تيزيءَ سان عملدرآمد جي هدايت هيٺ تائين ٿيل اڳڀرائي تي اطمينان جو اظهار ڪندي مراد علي شاهه توانائي کاتي کي هدايت ڪئي ته سولر ڪٽس جي شفافيت، ڪارڪردگي ۽ منصفاڻي ورچ کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن فائدا سڀ کان وڌيڪ مستحق خاندانن تائين پهچن. وڏي وزير چيو ته هي پروجيڪٽ رڳو بجلي فراهم ڪرڻ بابت ناهي، هي زندگين کي بهتر بڻائڻ، غربت کي گهٽائڻ ۽ انهن خاندانن لاءِ موقعا پيدا ڪرڻ بابت آهي جيڪي عرصي کان قابل اعتماد توانائي جي رسائي کان محروم رهيا آهن. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ڏورانهن ۽ محروم علائقن جي غريب گهرن کي مسلسل ترجيح ڏني وڃي جتي روايتي بجلي تائين رسائي محدود آهي. هن وڌيڪ چيو ته هڪ گهر ۾ لڳل هر سولر ڪٽ توانائي جي محرومي کان نجات، مالي بوجهه ۾ گهٽتائي ۽ ٻارن ۽ خاندانن لاءِ روشن مستقبل جي نمائندگي ڪري ٿي. وڏي وزير توانائي کاتي کي هدايت ڪئي ته انسٽاليشن جي سرگرمين جي ويجهڙائي سان نگراني ڪئي وڃي، معيار جي معيارن کي برقرار رکيو وڃي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته لاڀائيندڙن کي وقت سر ٽيڪنيڪل مدد ۽ سار سنڀال جون خدمتون ملن. هن توانائي کاتي کي اها به هدايت ڪئي ته عملدرآمد کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ته جيئن پروجيڪٽ جا مقصد مقرر

2026 ع ۾ شرڪت ڪندڙ واپاري نمائشون ٿيڻ ملڪن جي روانگي، واپار ڪندڙن خريدارن ۽ سيڙپڪارن کي ويجهو آڻينديون. وفاقي وزير چيو ته صدر عبدالفتاح السيسي طرفان پاڪستان جي دوري جي دعوت قبول ڪرڻ خوشيءَ جي ڳالهه آهي. پاڪستان صدر عبدالفتاح السيسي جي پاڪستان جي دوري جو منتظر آهي.

INVITATION TO BID

FOR SUPPLY OF LIQUEFIED NATURAL GAS (LNG)

Pakistan LNG Limited (PLL) is owned by the Government of Pakistan and has the mandate to procure Liquefied Natural Gas (LNG) to meet the country's gas requirements.

Bids are invited from reputed international suppliers, for the supply of one (01) LNG cargo on a Delivered Ex-Ship (DES) basis at Port Qasim, Karachi, Pakistan:

Tender #	Cargo	Delivery Period	Quantity per Cargo
PLL/IMP/ LNGT76	1.	27 – 28 July 2026	140,000 m3 (+/-5%) (with tolerance as mentioned in the bid documents)

Bid documents may be obtained from the office of **Pakistan LNG Limited (PLL)** in person or through email request at procurement@paklng.com from the date of advertisement to **20 July 2026**.

The bid, prepared in accordance with the instructions in the bid documents, must reach the office of PLL at the address given below on or before **1400 hours PST** on **20 July 2026**. The bids will be opened the same day at **1430 hours PST** as per PPRA rules.

This advertisement is also available on PPRA's website (www.ppra.org.pk) and PLL's website (www.paklng.com).

Pakistan LNG Limited reserves the right at its sole discretion to reject all bids prior to the acceptance of a bid or proposal, as per rule 33 of Public Procurement Rules, 2004.

PAKISTAN LNG LIMITED
9th Floor, Petroleum House, Ataturk Avenue, G-5/2, Islamabad, Pakistan.
Email: procurement@paklng.com
Tel: +92 51 8744183

PAKISTAN LNG

PID (I) 460/26

آفيس آف دي ڊائريڪٽر ڪم چيسٽ اسپيشلسٽ، انسٽيٽيوٽ آف چيسٽ ڊيزيز، ڪوٽڙي

No. D/ICD/Kotri/(Tender Doc: 2026-27)/- 2482/9 Dated. 16 / 07 / 2026

تصحيح

مختلف اخبارن ۾ 10 جولاءِ 2026 تي شايع ٿيل اشتهار نمبر INF-KRY/2877/2026 جي حوالي سان آهي: دلچسپي رکندڙ واڪ ڊينڊرن جي درخواست تي، نئين متعارف ڪرايل اي-پيڊ سسٽم جي پيچيدگيءَ سبب، غذائي شين يونيفارم ۽ حفاظتي لباس، زندگي بچائيندڙ طبي سامان، عام واهپي جو سامان ۽ 15٪ ايل پي. ڊرگ ميڊيسنز شين جي خريداريءَ لاءِ ٽينڊر جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ ۾ واڌ ڪئي وئي آهي. ۽ وڌيڪ مقابلي کي يقيني بڻائڻ لاءِ هاڻي 29 جولاءِ 2026 جي بدران 10 آگسٽ 2026 تي کولڻ جو نئون شيڊول مقرر ڪيو ويو آهي.

دلچسپي رکندڙ واڪ ڊينڊر وڌايل تاريخ کان هڪ ڏينهن اڳ SPPRA جي ويب سائيٽ https://portalsindh.eprocure.gov.pk تان ٽينڊر دستاويز ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا. ٻيو شيڊول ۽ ڪولڻ جو هنڌ تبديل نه ٿيندو (ساڳيو رهندو).

(ڊاڪٽر علي اڪبر ڏاهري)
ڊائريڪٽر ڪم چيسٽ اسپيشلسٽ
انسٽيٽيوٽ آف چيسٽ ڊيزيز، ڪوٽڙي
اي ميل: Kotriicd@gmail.com

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/3024/2026

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
پيٽرول جي فراهمي بابت خدشاءِ قومي تياريءَ جي ضرورت
صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
عظيم ۽ ڪامياب شخص پويان ڪتاب ڇڏي ويندا آهن!
صفحو 4

ايران-آمريڪا مفاهمتي يادداشت ختم؟
ڊاڪٽر رشيد احمد
صفحو 4

مختيار اڻڪ
اڄوڪو ڏينهن — 18 جولاءِ
صفحو 4

ميرپور ماٿيلو ۾ واهن ۽ شاخن جي ڪپرن تي بيٺل ناياب وڻن جي واڍي جو سلسلو جاري

ڪنڌير شاخ تي بيٺل لکين روپين جي ماليت جا درجنين وڻ واڍي ڪرائي آرا مشينن تي وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف

ايس ڊي او آبپاشي عبدالمجيد نائچ پنهنجي ماڻهن جي معرفت ڪنڌير شاخ تان وڻن جي واڍي ڪرائي رهيو آهي: رهواسي

نوٽس وٺي بوزدار پل ڪان سونا بنگلا پل تائين وڻن جي واڍي ۾ ملوث آبپاشي کاتي جي ڪامورن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي



ميرپورماٿيلو: ڪنڌير شاخ تان وڻن جي واڍي جو ڏيک

ميرپور ماٿيلو (ن ع) آبپاشي کاتي جي ايس ڊي او پاران مختلف واهن ۽ شاخن جي ڪپرن تي بيٺل وڻن جي واڍي جو سلسلو ڪنڌير شاخ تان وڏيڪ درجنين قيمتي وڻ واڍي بعد آرا مشينن تي وڪرو تفصيل موجب ضلعي انتظاميه ۽ سيڊا ڊائريڪٽر گهوٽڪي جي نااهلي سبب ايس ڊي او مسو واهه عبدالمجيد نائچ پاران مسو واهه سميت ميرپور ماٿيلو جي ٻين واهن ۽ شاخن جي ڪپرن تي بيٺل سون جهڙن قيمتي وڻن جي واڍي جو سلسلو بدستور جاري آهي ان سلسلي گذريل ڏينهن پڻ ڪنڌير شاخ تي بيٺل لکين روپين جي ماليت جا درجنين وڻ واڍي ڪرائي آرا مشينن تي وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي رابطو ڪرڻ تي علائقي واسين جو چوڻ هو ته ايس ڊي او آبپاشي عبدالمجيد نائچ پنهنجي ماڻهن جي معرفت واڍي ڪرائي رهيو هنن مطالبو ڪندي چيو ته فوري طور تي نوٽس وٺي بوزدار پل کان سونا بنگلا پل تائين وڻن جي واڍي ۾ ملوث آبپاشي کاتي جي ڪامورن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

ڪيرٿر ۽ سيف الله ڪئنال مان نڪرندڙ شاخن ۽ مائينرن ۾ زرعي پاڻي جي شديد ڪوٽ

پاڻي جي شديد ڪوٽ پيدا ٿيڻ سبب هزارين ايڪڙ زرعي ايراضي بنجر ٿيڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو

ڪيرٿر ڪئنال ۽ سيف الله ڪئنال جي اڪثر شاخن ۽ مائينرن ۾ زرعي پاڻي جي سخت ڪوٽ آهي: آبادگار

زرعي پاڻي جي ڪوٽ سبب هزارين ايڪڙ زرعي زمين بنجر جو خدشو پيدا ٿي چڪو آهي، سارياليءَ فصل تيزي سان تباهي جي ور چڙهي رهيو آهي



شهدادڪوٽ: زرعي پاڻي جي ڪوٽ سبب آبادگار ڪچهري ڪري رهيا آهن

شهدادڪوٽ(ن ر) ڪيرٿر ۽ سيف الله ڪئنال مان نڪرندڙ شاخن ۽ مائينرن ۾ زرعي پاڻي جي شديد قلت پيدا ٿيڻ سبب حالتون خراب ٿيڻ سبب آبادگارن هزارين ايڪڙ زرعي ايراضي بنجر ٿيڻ جو امڪان پيدا ٿيڻ ۽ سارياليءَ فصل کي شديد نقصان پهچڻ جو خدشو ظاهر ڪري ڇڏيو آهي ۽ آبادگارن سنڌ سرڪار سميت پنهنجن چونڊيل عوامي نمائندن کان ان ڏس ۾ تدارڪ ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي ان سلسلي ۾ مليل رپورٽن موجب سنڌو درياءَ مان نڪرندڙ ڪيرٿر ڪئنال ۽ سيف الله ڪئنال جي اڪثر شاخن ۽ مائينرن ۾ زرعي پاڻي جي سخت ڪوٽ پيدا ٿيڻ سبب انهن شاخن جي حدن ۾ پوڪيل زرعي بيجارو سڙڻ سبب حالتون سخت خراب ٿي ويون آهن جنهن سبب سارياليءَ فصل تيزي سان تباهي جي ور چڙهي رهيو آهي جڏهن ته زرعي پاڻي جي ڪوٽ سبب هزارين ايڪڙ زرعي زمين بنجر جو خدشو پيدا ٿي چڪو آهي ۽ ايندڙ ساريالي سيزن ۾ سارياليءَ فصل گهٽ لهڻ جو امڪان ڏيکاريو پيو وڃي هوڏانهن آبادگارن جي نمائنده تنظيم سنڌ آبادگار بورڊ جي منعقد ڪچهري جنهن جي صدارت بورڊ جي ضلعي صدر مير عبدالخالق کوسو جن ڪئي تنهن ڪچهري ۾ آبادگار اڳواڻن رئيس واجد خان چانديو، مير دريا خان مستوئي، چوڌري محمد اسماعيل ڪمبوه، وهاب ٻنڊراڻي ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي ڪچهري ۾ زرعي پاڻي جي ڪوٽ جو جائزو وٺي ان کي زراعت لاءِ هاڃيڪار قرار ڏنو ۽ سنڌ سرڪار توڙي هتان کان چونڊيل عوامي نمائندن کي اپيل ڪئي آهي ته سنڌن سڙيل بيجارو کي بچائڻ هزارين ايڪڙ زرعي زمين کي بنجر ٿيڻ ۽ زرعي معيشيت جي ريڙهه جي هڏي جي حيثيت رکندڙ سارياليءَ کي بچائڻ لاءِ پاڻي فراهم ڪري تدارڪ ڪيو وڃي

ڏهرڪي جي وٽرنري اسپتال ۾ ڊاڪٽر گم، مالوندن ۽ جانور پاليندڙن کي سخت مشڪلاتن درپيش

اسپتال ۾ مقرر وٽرنري ڊاڪٽر ڊاڪٽر رازق لغاري جي پروموشن ۽ بدلي کان پوءِ اڃا تائين نئون ڊاڪٽر مقرر نه ٿي سگهيو

اسپتال ۾ اينيمل بريڊنگ (مصنوعي نسل ڪشي) سميت ٻيون اهم خدمتون پڻ ڊاڪٽر نه هجڻ ڪري بند پيل

ڏهرڪي ويٽرنري اسپتال ۾ فوري طور مستقل ڊاڪٽر مقرر ڪيو وڃي، دوائن ويڪسين ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي: مالوند



ڏهرڪي: اسپتال ۾ مقرر وٽرنري ڊاڪٽر ڊاڪٽر رازق لغاري جي پروموشن ڪري نئون ڊاڪٽر مقرر نه ٿي سگهيو

حيدرآباد ۾ غيرقانوني پارڪنگ جي نالي تي ڀتاخوري جاري آهي: فيصل مغل

غيرقانوني طور ڪينٽونمينٽ بورڊ ۽ پڻ عدالتن جي منع باوجود ٽيڪس اڳاڙيو پيو وڃي

ٻي پارڪ واري جڳهه نيشنل هاءِ وي جي ملڪيت آهي، غير قانوني پارڪ نامي ويو آهي

ميهڙ ۾ سني رابطا ڪائونسل پاران پرامن احتجاجي ريلي

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي صحابين جي توهين ڪرڻ خلاف ريلي ڪڍي وئي

توهين آميز بيانن ۾ ملوث عنصرن خلاف فوري طور تي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي: اڳواڻ

ميهڙ(ن ع) سوشل ميڊيا ۽ مختلف اجتماعن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي صحابين جي خلاف ڪيل توهين آميز بيانن خلاف قانوني ڪارروائي نه ٿيڻ خلاف سني رابطا ڪائونسل ميهڙ تعلقي پاران پرامن احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي صديق محل ميهڙ کان شروع ٿي جنهن جي اڳواڻي اهل سنت والجماعت تعلقه ميهڙ جي صدر حافظ منظور احمد فاروقي، مير يحيئي خان مزاري، حافظ حسين احمد سيال، مير نادر جانوري، غلام فاروق حيدري، حافظ امجد علي ڊيبر ۽ عبدالخالق جسڪاڻي ڪري رهيا هئا ريلي شهر جي مختلف چوڪن ۽ چوراهن تان ٿيندي گهنٽا گهر چوڪ تي پهچي ان موقعي تي مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته محرم الحرام دوران نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي صحابين جي خلاف ڪيل بدترين توهين آميز بيانن ۾ ملوث عنصرن خلاف فوري طور تي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ميهڙ شهر ۾ امن امان کي يقيني بڻايو وڃي مقررين مطالبو ڪيو ته ايس ايس پي دادو توهين رسالت ۾ ملوث ماڻهن کي فوري طور تي گرفتار ڪري ۽ قانون موجب انهن خلاف ڪيس داخل ڪري، هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن عنصرن خلاف ڪارروائي نه ڪئي وئي ته احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ وڌايو ويندو

ڏهرڪي پرسان ٺڳن هڪ غريب شخص کي لٽي ورتو

هريش کي 47 هزار رپين جا جعلي نوٽ ڏئي ٻڪرو خريد ڪري فرار

بعد ۾ خبر پئي ته مون کي ڏنل 5 هزار رپين جا سڀئي نوٽ جعلي آهن: هريش

پنهنجي ذاتي ورثي زمين تان شريف پٽ خميسو زئور ڪي لاڳ جو چيو ته الزام بيا هٿن: ايڊووڪيٽ محمد حسين زئور

لاڙڪاڻو پوليس پاران ڪامياب ڪارروائي، پنج لک انعام يافته ڌاڙيل ڦٿيار سميت گرفتار



ميهڙ: وارثن بهادر علي ڪلهوڙو جي اڳواڻي ۾ پوليس خلاف مظاهرو ڪيو

ميهڙ ۾ طالب حسين ڪلهوڙو جا قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف مظاهرو

سنڌس وارثن بهادر علي ڪلهوڙو جي اڳواڻي ۾ پوليس خلاف مظاهرو ڪيو

ته بي دردي سان قتل ڪيل طالب حسين جا قاتل فل فور گرفتار ڪيا وڃن: وارث

ميهڙ (ن ع) ميهڙ لڳ ڳوٺ بيلائي ڪلهوڙو ۾ بي دردي سان ناحق قتل ٿيل طالب حسين ڪلهوڙو جا قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف شاهه پنجو سلطان پوليس خلاف سنڌس وارثن بهادر علي ڪلهوڙو نور حسين ڪلهوڙو محراب لاڪير فقير محمد تنيو حاڪم شاهه حفيظ ڪلهوڙو محمد مٺل عباسي غلام مرتضي ڪلهوڙو جي اڳواڻي ۾ قرآن پاڪ کڻي معصوم ٻارڙا ۽ تصويرون کڻي شاهه پنجو چوڪ تي ننڍهر اس ۾ سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي هنن مطالبو ڪيو ته بي دردي سان قتل ڪيل طالب حسين جا قاتل فل فور گرفتار ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ تحريڪ جاري رهندي

ٽنڊوالهيار ويجهو پوليس جي مبينا زيادتين خلاف مظاهرو

ڳوٺ ٻيڙو خان لاشاري جي رهواسين پاران پوليس خلاف مظاهرو ڪيو ويو

پوليس ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ بار بار حراسان ڪري زيادتي ڪري رهي آهي: مظاهرين

ٽنڊوالهيار(ن ر) ٽنڊوالهيار ويجهو پوليس جي مبينا زيادتين خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ڳوٺ ٻيڙو خان لاشاري جي رهواسين ڳوٺ تي پوليس چڙهائي خلاف اصغر لاشاري، اسماعيل لاشاري، عامر لاشاري جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪري سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي ڳوٺاڻن ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته ڪجهه مهينا اڳ ڪبوترن اسان جا 3 ڄڻا گرفتار هجڻ باوجود پوليس اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪري رهي آهي هنن چيو ته گذريل رات به پوليس اهلڪارن چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪندي اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪئي پوليس ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ بار بار حراسان ڪري اسان سان زيادتي ڪري رهي آهي هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان ...



ٽنڊوالهيار: پوليس جي مبينا زيادتين خلاف ڳوٺ ٻيڙو خان لاشاري جي رهواسين پاران احتجاج

اوڏيرولال لڳ ڳوٺ پنهو خدري واسين جو احتجاج

ڳوٺ ۾ ويڙهل نصير ڪاهورو ۽ ٻيا نيائين کي حراسان ڪن ٿا: منظور ماڇي

نيائين اغوا ڪرڻ سميت جان کان مارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، نوٽيس ورتو وڃي

اوڏيرولال(ن ع) اوڏيرولال لڳ ڳوٺ پنهو خدري واسي منظور ماڇي جو نيائين سميت ڳوٺ جي بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو احتجاج ڪندي منظور ماڇي الزام هنيو ته ڳوٺ ۾ ويڙهل نصير ڪاهورو امجد خاصخيلي صديق خاصخيلي وقار خاصخيلي ۽ ٻيا هڪ ته ٻئي ڏينهن منهنجي نيائين کي حراسان ڪري اغوا ڪرڻ سميت جان کان مارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هن حوالي سان اسان علائقي جي معززين سميت پوليس کي شڪايتون ڪيون آهن پر ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي انهن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي مٽياري کان مطالبو ڪيو ته ڳوٺ جي بااثرن خلاف ڪارروائي ڪري منهنجي نيائين کي تحفظ انصاف فراهم ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ نيائين سميت پنهنجي پاڻ کي باهه ڏئي ساڙيندس



اوڏيرو لال: ٻالڪن جي زيادتين خلاف منظور ماڇي نيائين سميت احتجاج ڪندي

سرهاري ۾ عطا محمد ٽالپر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

اوطاق جي پلاٽ جي مالڪي واري تڪرار دوران قتل ٿيل نوجوان جي وارثن مظاهرو ڪيو

نورل ٽالپر، محمد بخش، مقبول، محمد حنيف ۽ امام بخش ٽالپر قتل ۾ ملوث آهن: وارث

سرهاري (ن ع) سرهاري جي حد ڳوٺ غلام شاهه ٽالپر ۾ چار مهينا اڳ اوطاق جي پلاٽ جي مالڪي واري تڪرار دوران قتل ٿيل نوجوان عطا محمد ٽالپر جي مبينا قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن نيشنل پريس ڪلب سرهاري آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي مقتول جي وارثن سبحان ٽالپر نظر محمد ٽالپر ۽ ٻين احتجاج ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته چار مهينا اڳ پلاٽ جي مالڪي تان ٿيل جهيڙي دوران سنڌن نوجوان عطا محمد ٽالپر کي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو ۽ واقعي کي چار مهينا گذرڻ باوجود، اڃا تائين جوابدار گرفتار ناهن ٿي سگهيا. واقعي جو ڪيس سرهاري ٿاڻي تي داخل ٿيل هجڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بدران ڪين پروٽوڪول ڏيڻ ۾ مصروف آهي. هنن الزام لڳايو ته نورل ٽالپر محمد بخش مقبول محمد حنيف ۽ امام بخش ٽالپر نوجوان جي قتل ڪيس ۾ ملوث آهن پر اڃا تائين گرفتار ناهن ڪيا ويا. احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته هو ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد، ايس ايس پي سانگهڙ ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن وٽ بار بار دانهن ڪئي ويا آهن پر ڪين انصاف نه مليو آهي سنڌن چوڻ موجب جوابدار سرعام هٿيار کڻي گهمي رهيا آهن ۽ ڪين ڪيس تان مسلسل هٿ ڪڍڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏئي رهيا آهن مقتول جي قاتلن کي بااثر ڌرين جي سپورٽ حاصل آهي سرهاري پوليس ڪين ملوث آهي جوابدارن جا موبائل نمبر ڪليل هجڻ باوجود پوليس ڪين ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي اسان کي مسلسل پريشرائيز حراسان ڪيو پيو وڃي. مقتول جي وارثن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته قتل ...



سرهاري: عطا محمد ٽالپر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

ڏهرڪي ۾ ڏينهن ڏٺي چورين ۾ واڌ، شهري خوف ۽ هراس ۾ مبتلا

فيضان حليمه مسجد غريب آباد ٻاهران موٽر سائيڪل چوري، نمازي وڏي انگ ۾ ٿاڻي پهچي ويا

شهرين احتجاج ڪندي موٽر سائيڪل جي فوري برآمدگي ۽ جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو

نيشنل بئنڪ آف پاڪستان پاران جاري ڪيل مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه جاري

ٽنڊوالهيار ضلعي ڪائونسل جو اجلاس، 24 ڪروڙ کان مٿي وڏيڪ بجيٽ پيش، اتفاق راءِ سان منظور

اجلاس ۾ سال 2026 ۽ 27 لاءِ 24 ڪروڙ 28 لک 80 هزار روپين جي بجيٽ پيش ڪري منظور ڪئي وئي

نئين اسڪيمن لاءِ 6 ڪروڙ روپيا رکيا ويا، هلندڙ اسڪيمن لاءِ 3 ڪروڙ 50 لک روپيا مختص، هڪ لک 26 هزار 846 روپيا بچت ظاهر

راندين ۽ سوشل ويلفيئر لاءِ 21 لک روپيا رکيا ويا، امدادي ڪمن، تعليم، ميلن ۽ لائبريرين جي خرچن لاءِ 35 لک روپيا رکيا ويا

ٽنڊوالهيار(ن ر) ٽنڊوالهيار ضلعي ڪائونسل جو سالانو بجيٽ اجلاس ضلع ڪائونسل چيئرمين مير سهيل پيو ٽالپر وائيس چيئرمين دريا خان مري جي صدارت ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ 24 ڪروڙ کان مٿي جي بجيٽ پيش ۽ منظور ڪئي وئي اجلاس ۾ سمورن ميمبرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سال 2026 ۽ 27 لاءِ 24 ڪروڙ 28 لک 80 هزار روپين جي بجيٽ پيش ۽ منظور ڪئي وئي، جنهن ۾ هڪ لک 26 هزار 846 روپيا بچت ڏيکاري وئي بجيٽ اجلاس ۾ نئين اسڪيمن لاءِ 6 ڪروڙ روپيا رکيا ويا، هلندڙ اسڪيمن لاءِ 3 ڪروڙ 50 لک روپيا رکيا ويا جڏهن ته پگهار ۽ پينشن جي واڌ لاءِ 8 ڪروڙ 75 لک 45 هزار 483 روپيا رکيا ويا، راندين ۽ سوشل ويلفيئر لاءِ 21 لک روپيا رکيا ويا، امدادن تعليم، ميلن ۽ لائبريرين جي خرچن لاءِ 35 لک روپيا رکيا ويا. صفائي جي حوالي سان هڪ ڪروڙ 50 لک رکيا ويا. بجيٽ ۾ پاڻي نيڪال، ڊسپوزل ۽ ڊرينج لاءِ 20 لک روپيا رکيا ويا آهن جڏهن ته ڪائونسل جي خرچن لاءِ 54 لک 75 هزار رکيا ويا انهي موقعي تي چيئرمين ضلعي ڪائونسل مير سهيل پيو ٽالپر چيو ته سڀني ميمبرن جي اڪثريت راءِ سان بجيٽ منظور ڪئي وئي آهي هن چيو ته پراڻي اسڪيمن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ به پئسا رکيا ويا آهن انهن اسڪيمن کي پڻ جلد مڪمل ڪيو ويندو هن چيو ته ضلعي جي اڪثر يونين ۾ ترقياتي ڪم مڪمل ڪيا ويا آهن ڪائونسل طرفان وڌيڪ ترقياتي اسڪيمون ڏنيون ويون آهن جن تي جلد ڪم شروع ڪيو ويندو اسان جي ڪوشش آهي ته عوام کي رليف ۽ بنيادي سهولتون ڏيڻ لاءِ ڪم ڪريون



ٽنڊوالهيار: ضلعي ڪائونسل جو سالانو بجيٽ اجلاس ضلعي ڪائونسل چيئرمين مير سهيل پيو ٽالپر جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

ڪڪول واهه ۽ رائيس ڪئنال مان نڪرندڙ شاخن ۾ پاڻي جي ڪوٽ خلاف احتجاجي ريلي، مارچ

ايس يو پي جي اڳواڻي ميهڙ بائي پاس کان 3 ڪلوميٽر پيادل مارچ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

ڪڪول واهه، رائيس ڪئنال ۽ لاڳاپيل شاخن ۾ ڊگهي عرصي کان پاڻي جي ڪوٽ برقرار آهي: سڪندر علي سوڍر

انجنيئر عاشق حسين چانڊيو ۽ ايريگيشن کاتي جي ٻين آفيسرن سان بار بار رابطي باوجود صرف واعدا ۽ دلاسا ڏنا پيا وڃن



ميهڙ: ايس يو پي جي اڳواڻي ميهڙ بائي پاس کان 3 ڪلوميٽر پيادل مارچ احتجاج

ميهڙ(ن ع) ڪڪول واهه رائيس ڪئنال ۽ انهن مان نڪتل مختلف شاخن ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ خلاف آبادگارن ۽ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ايس يو پي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ۽ مارچ ڪڍيو ويو احتجاج ڪندڙ ميهڙ بائي پاس کان 3 ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪندي آزاد پريس ڪلب ميهڙ پهتا جتي هنن احتجاجي مظاهرو ڪري هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي پاڻي جي فراهمي بحال ڪرڻ ۽ آبادگارن سان انصاف ڪرڻ جا نعرا هنيا، احتجاجي مارچ جي اڳواڻي ايس يو پي ضلعي صدر سڪندر علي سوڍر سرور سوڍر عادل محمد علي سوڍر سجاد سوڍر عبدالسجيد سوڍر ۽ ٻين ڪئي ...

ميرپوربٺورو ۾ سنڌي هاري تحريڪ (ڪيو اي ٽي) پاران مظاهرو

سنڌ ۾ پاڻي جي ڪوٽ، ذوالفقار آباد، سنڌو درياهه تي ڊاڙي خلاف مظاهرو ڪيو ويو

پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ سبب سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين بنجر ٿي وئي آهي: اڳواڻ

گهوٽڪي تعلقه يونين آف جرنلسٽس پاران مظاهرو

اڳيان ڊي ايس پي اوباوڙو عبدالقادر سومرو خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اوباوڙو جي صحافين تي لڳايل مبينا الزام بي بنياد، ڪوڙا ۽ من گهڙت آهن: قلم ڏٺي

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي تعلقه يونين آف جرنلسٽس پاران پريس ڪلب گهوٽڪي اڳيان ڊي ايس پي اوباوڙو عبدالقادر سومرو خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ ضلعي صدر عامر چنه نائب صدر مسرت مهر تعلقه صدر ماجد سنگهڙ علي اصغر ملهڻ جبار مهر نظير لانگاهه عبدالحفيظ ابڙو امجد ڪلوڙ رشيد احمد پنهور سهراب رڪ عرفان آرائين جنسار پنهور دائم چاچڙ طارق وڪيو خادم گڏاڻي زوهيب شيخ يوسف منگي عرفان سومرو اسد گهنيو رياض سومرو سعيد گچ سائينڏنو عباسي سميت وڏي انگ ۾ صحافين سياسي ۽ سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي احتجاج دوران شرڪت ڪندڙن ڊي ايس پي اوباوڙو خلاف سخت نعريبازي ڪندي چيو ته اوباوڙو جي صحافين تي لڳايل مبينا الزام بي بنياد، ڪوڙا ۽ صحافين کي دٻائڻ جي ڪوشش آهن هنن چيو ته صحافت معاشري جو اهم ستون آهي ۽ صحافين کي پنهنجا فرض آزادي، ذميواري ۽ بي خوفي سان انجام ڏيڻ جو مڪمل حق حاصل آهي هنن چيو ته صحافين جي عزت، وقار ۽ صحافتي آزادي تي ڪنهن به قسم جي سوديبازي قبول نه ڪئي ويندي هنن الزام لڳايو ته صحافين خلاف مبينا انتقامي ڪارروايون ۽ دٻاءَ واري روش اختيار ڪئي پئي وڃي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو احتجاج ڪندڙن آءِ جي سنڌ ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڊي ايس پي اوباوڙو عبدالقادر سومرو پاران صحافين تي لڳايل مبينا الزامن ۽ پيش آيل معاملي جي فوري، شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي جڏهن ته جاچ مڪمل ٿيڻ تائين ڊي ايس پي کي معطل ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي آخر ۾ تعلقه يونين آف جرنلسٽس گهوٽڪي جي اڳواڻن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن صحافين خلاف مبينا انتقامي روش ختم نه ڪئي وئي ۽ ڊي ايس پي اوباوڙو کي معطل نه ڪيو ويو ته احتجاجي تحريڪ جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

لنڊي ميرواهه مان حضرت غوث بهاؤالدين ذڪريا ملتاني سهروردي جي عرس لاءِ قافلو روانو

لنڊي ميرواهه (ن ع) عظيم صوفي بزرگ شيخ الاسلام حضرت غوث بهاؤالدين ذڪريا ملتاني سهروردي جو 787هون ساليانو عرس مبارڪ 20 کان 22 جولاءِ تائين درگاهه عاليه حضرت غوث بهاؤالدين ذڪريا، قاسم باغ ملتان ۾ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويندو ان سلسلي ۾ حضرت غوث بهاؤالدين ذڪريا جي ضلعي خيرپور جي خليفن جاويد جاني راڄپر گلاب علي سهتو فقير غلام فريد سهتو ۽ قربان مگسي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته خيرپور ضلعي شهرن سميت سنڌ جي مختلف علائقن مان مريدن جماعت جا هزارين مريد قافلن جي صورت ۾ عرس مبارڪ ۾ شرڪت لاءِ ملتان روانا ٿي ويا آهن هنن وڌيڪ چيو ته ٽن ڏينهن واري عرس مبارڪ ۾ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان لکين عقيدتمند، علماءِ ڪرام، مشائخ عظام ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ شخصيتون شرڪت ڪنديون عرس دوران قرآن خواني، نعت، درود سلام جون محفلون، اجتماعي دعائون، روحاني ذڪري نشستون، علماءِ ڪرام ۽ مشائخ عظام جا خطاب سميت مختلف مذهبي ۽ روحاني تقريبون منعقد ڪيون وينديون ...

ڳوٺ جهنگ ڪاتيار ۾ مفت ميڊيڪل ڪيمپ

علائقي جي سوين مردن، عورتن، ٻارن ۽ ٻزرگن صحت جون سهولتون حاصل ڪيون

ڪيمپ دوران شگر، مليريا، ٽي بي سميت مختلف بيمارين جون مفت ٽيسٽون ڪيون ويون

نيشنل بئنڪ آف پاڪستان پاران جاري ڪيل مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه جاري

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

چنڇر 18 جولاءِ 2026ع

پيٽرول جي فراهمي بابت خدشا ۽ قومي تياريءَ جي ضرورت

ملڪ ۾ پيٽرول جي ممڪن کوٽ بابت سامهون ايندڙ رپورٽن هڪ ڀيرو ٻيهر توانائيءَ جي سلامتي ۽ فراهمي جي نظام بابت اهم سوال اٿاري ڇڏيا آهن. آئل ڪمپنيز ايڊوائزري ڪائونسل پاران وفاقي وزير پيٽروليم کي لکيل خط ۾ پيٽرول جي گهٽجندڙ ذخيرن تي ڳڻتي ظاهر ڪرڻ ۽ صنعتي ذريعن پاران رڳو ٻن هفتن جي ضرورتن جيترا ذخيرا موجود هجڻ جي دعويٰ اهڙي وقت سامهون آئي آهي، جڏهن خطي ۾ جاري ڇڪتاڻ عالمي توانائي مارڪيٽن تي اثر انداز ٿيڻ جا امڪان وڌائي ڇڏيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ عوام، ڪاروباري شعبي ۽ ٽرانسپورٽ سان لاڳاپيل ماڻهن ۾ بيچيني پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه آهي. توانائي ڪنهن به ملڪ جي معاشي سرگرمين جو بنيادي ڍانچو هوندي آهي. جيڪڏهن پيٽروليم شين جي فراهمي ۾ خلل پوي ٿو ته ان جا اثر رڳو ٽرانسپورٽ تائين محدود ناهن رهندا پر صنعت، واپار، زراعت ۽ روزمره زندگيءَ جا سمورا شعبا متاثر ٿيندا آهن. پاڪستان جهڙي ترقي پذير ملڪ ۾، جتي معيشت اڳ ئي ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏئي رهي آهي، اتي تيل جي فراهمي بابت خدشا وڌيڪ سنجيدگيءَ سان وٺڻ گهرجن. صنعتي انگن اکرن موجب جولاءِ جي پهرين ٻن هفتن دوران پيٽرول جي وڪري ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي، جيڪو گذريل سال جي ڀيٽ ۾ به گهڻو وڌيڪ آهي. هن غيرمعمولي واڌ جو هڪ وڏو سبب ايندڙ ڏينهن ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ اضافي جي امڪان سبب ماڻهن ۽ ڊيلرن پاران ضرورت کان وڌيڪ خريداري ٻڌائي پئي وڃي. اهڙي صورتحال عام طور تي مارڪيٽ ۾ خوف ۽ غيريقيني جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندي آهي، جنهن سان حقيقي کوٽ کان اڳ ئي مصنوعي کوٽ جا امڪان وڌي ويندا آهن. ذخيره اندوزي ۽ ناجائز منافعي خوري پاڪستان لاءِ ڪو نئون مسئلو ناهي. ماضيءَ ۾ ڪيترين ئي جنسن ڪڻڪ، اٽو، کنڊ ۽ ٻين ضروري شين وانگر پيٽروليم شين بابت به اهڙا خدشا سامهون ايندا رهيا آهن. جڏهن به قيمتن ۾ واڌ جون خبرون گردش ڪرڻ شروع ٿينديون آهن ته ڪجهه عنصر صورتحال مان فائدو وٺڻ لاءِ ذخيرو ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. جنهن جو سڌو بار عام ماڻهوءَ تي پوندو آهي. اهڙي روش نه رڳو معاشي استحڪام کي نقصان پهچائي ٿي پر عوام جي اعتماد کي به ڌڪ رسائي ٿي.

سٺي ڳالهه اها آهي ته حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ تڪڙا قدم کنيا آهن. نيشنل ڪوآرڊينيشن اينڊ مئنيجمينٽ ڪائونسل جي اجلاس ۾ پيٽروليم شين جي دستيابي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ۽ اوگرا سميت لاڳاپيل ادارن کي ذخيره اندوزيءَ خلاف سخت ڪارروائيءَ جون هدايتون جاري ڪيون ويون. جيڪڏهن سرڪاري دعوائن موجب ملڪ ۾ واقعي ڪافي ذخيرا موجود آهن ته پوءِ ضروري آهي ته انهن انگن اکرن کي شفاف انداز ۾ عوام آڏو پيش ڪيو وڃي، جيئن افواهن ۽ غيريقيني واري فضا جو خاتمو ٿي سگهي. ٻئي طرف وزيراعظم جي صدارت هيٺ ٿيل اعليٰ سطحي اجلاس پڻ ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته حڪومت خطي جي بدلجندڙ صورتحال ۽ ان جي معاشي اثرن کان چڱيءَ ريت واقف آهي. وچ اوڀر ۽ خطي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ جي ڪري عالمي منڊيءَ ۾ خام تيل جي اگهن ۾ ڪنهن به وقت واڌ ٿي سگهي ٿي، جنهن جا اثر پاڪستان جهڙن درآمدي ملڪن تي وڌيڪ شدت سان پوندا آهن. اهڙي ماحول ۾ رڳو موجوده ذخيرن تي ڀاڙڻ بدران ڊگهي مدي واري حڪمت عملي جوڙڻ جي ضرورت آهي. توانائي جي شعبي ۾ خود انحصاري وقت جي اهم ضرورت بڻجي چڪي آهي. پاڪستان کي متبادل توانائي ذريعن، مقامي وسيلن جي بهتر استعمال ۽ توانائي بچت جي پاليسين تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي. شمسي ۽ هوائي توانائي جي منصوبن ۾ سيڙپڪاري سان نه رڳو درآمدي بار ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي پر ملڪ جي زرمبادلہ جي بچت پڻ ممڪن بڻجي سگهي ٿي. ان سان گڏ عوام ۾ بارڻ جي ذميوارانه استعمال بابت شعور پيدا ڪرڻ به ضروري آهي. وزيراعظم پاران سادگي ۽ ڪفايت شعاري جي پاليسين تي زور ڏيڻ به موجوده حالتن ۾ اهميت رکي ٿو ڇو ته توانائي جي بچت صرف حڪومت جي ذميواري نه پر سڄي سماج جي گڏيل ذميواري آهي. غيرضروري سفرن کان پاسو، بارڻ جي بچت ڪندڙ طريقن جو استعمال ۽ وسيلن جو محتاط استعمال قومي مفاد جو حصو هجڻ گهرجي. حڪومت لاءِ ضروري آهي ته هڪ طرف پيٽروليم شين جي بنا رڪاوٽ فراهمي کي يقيني بڻائي ته ٻئي طرف مصنوعي کوٽ پيدا ڪندڙن خلاف بنا ڪنهن رعايت جي ڪارروائي ڪري. ساڳئي وقت عوام کي به گهرجي ته افواهن ۽ غيرتصديق ٿيل خبرن جي بنياد تي غيرضروري خريداريءَ کان پاسو ڪري، ڇو ته اهڙي رويي سان مارڪيٽ تي وڌيڪ دٻاءُ پوي ٿو.


شاهجهان سيد ڪريم

اڄ اسين آءِ او بي ايم (IOBM) جي باني ۽ صدر مرحوم شاهجهان سيد ڪريم، ايس آءِ کي ياد ڪريون ٿا، جن جي بصيرت، لگن ۽ تعليم جي قوت تي اٽل يقين ايندڙ نسلن لاءِ اڄ به راهه روشن ڪري رهيو آهي. هن اهڙي اداري جو تصور پيش ڪيو جيڪو رڳو علم جي ورهاست تائين محدود نه هجي پر اڳواڻي، جدت آئيندڙن ۽ سماجي تبديلي آڻيندڙ شخصيتن جي تربيت پڻ ڪري. پنهنجي دور انديشي، عزم ۽ اعليٰ معيار سان وابستگيءَ جي ذريعي، هن آءِ او بي ايم جو بنياد رکيو جنهن بيشمار شاگردن لاءِ سکڻ، اڳتي وڌڻ ۽ پنهنجي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جا موقعا پيدا ڪيا. تعليم جي شعبي لاءِ سندس خدمتن پاڪستان تي هڪ دائمي ڇاپ ڇڏي آهي، جيڪا ايندڙ نسلن کي علم، جدت ۽ سماج جي خدمت جي راهه اختيار ڪرڻ لاءِ همٿائيندي رهندي. سندس ورسي جي موقعي تي اسين احترام ۽



شڪرگذاريءَ سان اهڙي زندگي کي ياد ڪريون ٿا، جيڪا ٻين کي بااختيار بڻائڻ ۽ تعليم وسيلي روشن مستقبل جي تعمير لاءِ وقف هئي. سندس ويزن اڄ به اسان جي رهنمائي ڪري رهيو آهي. سندس قدر اڄ به اسان کي متاثر ڪن ٿا ۽ سندس ورثو اڄ به هزارين ماڻهن جي زندگين جي جوڙجڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

شاهه لطيف جو ميلو: ماضي ۽ حال تائين ٿيندڙ ميڊيا ڪوريج



نور سنڌي

آئون 1978ع کان صحافت ڪري رهيو آهيان جڏهن مون گورنمينٽ هاءِ اسڪول شهدادپور ۾ نائين ڪلاس لاءِ داخلا ورتي هئي لطيف سرڪار جي ميلي تي نه تنهن هوندي کان ماڻتن سان گڏ اچڻ ٿيندو هو پر صحافي جي حيثيت سان ڪوريج لاءِ ڀٽ شاهه جي ميلي ۾ 1982ع کان اچڻ شروع ٿيو آهيان دور ۾ شهدادپور ۾ صحافت ڪندو هئس ڀٽ شاهه ميلي جي ڪوريج جو شوق هوندو هو ۽ منهنجي گذارش تي آفتاب اخبار جي ايڊيٽر شيخ علي محمد پاران اطلاعات کاتي لاءِ ليٽر ڏنو ته نور سنڌي آفتاب اخبار جو اسپيشل رپورٽر آهي جيڪو ڀٽ شاهه ميلي جي ڪوريج ڪندو انهيءَ ڪري هن کي اسپيشل برانچ پاران انٽر پاس جاري ڪئي وڃي 1982ع کان اڳ ميلي جي ڪوريج ڪيئن ٿيندي هئي؟ مونکي خبر نه آهي 1982ع کان جڏهن مون ڪوريج شروع ڪئي تڏهن ڀٽ شاهه ۾ چار صحافي وڪيل سمون (هلال پاڪستان)، ۽ سيد ذوالقرنين شاهه (روزاني آفتاب)، اڪبر سائد (نواءِ وقت)، روزاني عبرت ۽ عبرت گروپ آف پبليڪيشن(شبير پڻي) هئا.

ميلي ۾ ڪڏهن ڪڏهن نيو سعيد آباد مان نواءِ وقت جو رپورٽر يوسف وارثي به ايندو هو انهن مان ميلي جي ڪوريج رڳو ذوالقرنين شاهه ۽ اڪبر سائد ڪندا هئا جڏهن ته هالا مان روزاني عبرت ۽ عبرت گروپ آف پبليڪيشنجو تعلقي رپورٽر مجاهد محرم علي ملاح به ميلي جي آخري ڏينهن تي ايندو هو اڳتي هلي نيو سعيد آباد جو صحافي امتياز ميمڻ ميلي جي ڪوريج لاءِ ايندو هو ڪنهن ڪنهن سال هالا جا صحافي عبدالڪريم ميمڻ ۽ اڪرم قائمخاني به ايندا هئا، ان دور ۾ فيس بڪ، موبائيل، واٽس ايپ ۽ اي ميل جو تصور به ڪونه هو ڀٽ شاهه ڪان ٻئي شهر لاءِ ٽرنڪ ڪال لاءِ فون ايڪسچينج ۾ آپريٽر کي بُڪنگ نمبر تي ڪال ڪري ڪال بُڪ ڪرائڻي پوندي هئي جيڪا جيترا منٽ بُڪ ڪرائي ان بعد ڪال ڪنيڪٽ ويندي هئي جڏهن ته ميلي جي افتتاح ۽ آخري ڏينهن تي ايوارڊ تقريب جي ڪوريج لاءِ ڊائريڪٽر اطلاعات ڪاتو حيدرآباد جي سربراهي ۽ ڪمشنر حيدرآباد پاران ڏنل هڪ وين ۾ حيدرآباد مان ڪجهه صحافي ۽ پريس فوٽو گرافر ايندا هئا. پروگرام ختم ٿيڻ تي انهن صحافين کي واپس حيدرآباد پهچايو ويندو هو ان دور ۾ پي ٽي سي ايل فون به عام نه هئا، خاص ماڻهن جي گهرن اوطاقن ۽ ڪجهه دڪانن تي لڳل هئا ان زماني ۾ ڀٽ شاهه جي صحافين مان وڪيل سمون وٽ سندس هوٽل تي فون لڳل هئي سندس هوٽل ڪراڙجي ڪپ تي هوندي هئي ميلي ۾ هن هوٽل تي وڏي رش هوندي هئي ان دور ۾ ٽي چينلن ۽ ايف ايم ريڊيو جو تصور به ڪونه هو صرف سرڪاري ٽي وي چينل يعني پي ٽي وي ۽ ريڊيو پاڪستان هوندا هئا، جيڪي صرف سرڪاري خبرون ڏيندا هئا.

جڏهن پهريون دفعو 1982ع ۾ ميلي جي ڪوريج لاءِ پهتس ته مونکي ڳالهه سمجهه ۾ ڪونه پئي ايجي ته ميلي جي ڪوريج جون خبرون اداري ۾ پهچايون معلوم ڪرڻ تي خبر پئي ته ميلي جي ڪوريج اخباري رپورٽر ڪونه ڪندا آهن اطلاعات کاتي وارا ميلي جي سرڪاري تقريبن جا هينڊ آئوٽ جاري ڪري ۽ تصويرون حيدرآباد جي اخبارن کي انهيءَ ڏينهن جڏهن ته ڪراچي جي اخبارن تائين ٻئي ڏينهن پهچايون ويندڻيون هيون جڏهن ته پي ٽي وي وارا ۽ ريڊيو پاڪستان وارا به سرڪاري تقريبن جي ڪوريج لاءِ ايندا هئا. پي ٽي وي ميلا جا ٽئي ڏينهن نظر ايندا هئا ۽ روز جي بنياد تي ميلي جي سرڪاري تقريبن جا فوٽيج ۽ خبرون خصوصي گاڏيءَ تي پي ٽي وي ڪراچي پهچائيندا هئا. ڪجهه اطلاعات کاتي پاران موڪليل خبرون هئا، آئوٽ ڪري ڪجهه وري پنهنجي رپورٽرن جي ٽلي سان هلائنديون هيون ميلي جي موقعي تي آڊيٽوريم جي اندرين گيٽ تي هڪ شيشي جي ڪئبن هوندي هئي جتي ثقافت کاتي جي ڪنهن آفيسر کي ڊيوٽي آفيسر ڪري ويهاريو ويندو هو ۽ ريسٽ هائوس تي سرڪاري طور پي ٽي سي ايل فون لڳندا هئا، ٻئي نمبر هارٽ لائين تي هوندا هئا، جتان ملڪ ۾ ڪٿي به شهر ۾ لاڳيتار ڪيترو به ڳالهائي سگهبو هو ۽ ان وقت ثقافتي مرڪز جو بي جي عبدالحميد آخوند صاحب هوندو هو، جيڪو ثقافت کاتي جو سيڪريٽري پڻ ٿيو هو پلو آفيسر هو اطلاعات کاتي وارا صرف افتتاحي تقريب ۽ آخري رات لطيفي راڳ رهاڻ ۽ ايوارڊ تقريب جون ۽ ملاڪڙي جي آخري ڏيهن جون خبرون ڏيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ حميد آخوند جي مهربانين سان ادبي ڪانفرنس ڀٽ شاهه ۾ ٿيڻ بجاءِ حيدرآباد ۾ منعقد ڪئي ويندي هئي اها ڳالهه مونکي ڪونه وڻي هر سال ميلي کان اڳ اهڙي عمل تي خبرون ۽ اخبارن ۾ آرٽيڪل لکندو هئس نه صرف آفتاب ۾ "روزاني عبرت" ۽ عبرت گروپ آف پبليڪيشن وارن کي چٺي مون ايڊيٽوريل به لکرايا. ان وقت جي گادي نشين اديبن شاعرن ۽ ساجهه وندن پاران احتجاجي ۽ مذمتي خبرون هلايون. ان بعد ادبي ڪانفرنس ڀٽ شاهه ۾ ٿيڻ لڳي (هلندڙ)

عظيم ۽ ڪامياب شخص پويان ڪتاب ڇڏي ويندا آهن!



مير قائم خان ٽالپر

منهنجا پڙهندڙ نوجوانو! اڄ جو هيءُ ڪالم جي اوهان پنهنجو پاڻ تي جبر ڪري پڙهي ورتو ته يقين ڪريو اوهان اهو ڏاڏو حاصل ڪري سگهو ٿا، جيڪو توهان زندگيءَ ۾ سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ به نٿا حاصل ڪري سگهو ڇاڪاڻ ته ڪتابن کان سواءِ انهن شين مان ڏاڏو نه ٿو حاصل ڪري سگهجي ڪتاب توهان جي ڪاميابين ۾ مزو ۽ ڏاڏو وڌائين ٿا، جيڪڏهن ڪتاب جنگي ڪاميابين طاقت ۽ دولت ڪان مٿ پريا نه هجن ها ته دنيا جا مشهور ويڙهاڪ فاتح بادشاهه ۽ امير ماڻهو ڪڏهن به ڪتاب نه لکن ها ۽ نه ئي لکرائين ها ايگزينڊر دي گريٽ کان وٺي اسٽيفن هاڪنگ تائين ۽ اسٽيفن هاڪنگ کان وٺي بل گيٽس تائين توهان سڄي دنيا جي ڪامياب ماڻهن جا پروفائيل ڪڍي ڏسو، توهان کي دنيا ۾ هر عظيم ۽ ڪامياب شخص ڪتاب ڇڏي ويندي نظر ايندو انهيءَ ڪري اڄ جي گفتگو آئون مشهور مفڪر ملٽن جي انهيءَ جوڙتي کان شروع ڪري رهيو آهيان ته "زندگيءَ جو بهترين سرمايو سٺو ڪتاب آهي" ياد رکو منهنجا نوجوانو! ڪتاب ئي انسان جي تجربن ۽ علم ۾ واڌارو ڪن ٿا، ڇو ته ڪتاب اهو هٿيار آهي، جنهن سان اسان انهن نفرتن کي هميشه لاءِ ختم ڪري سگهون ٿا، جيڪي اسان بغير ڪنهن سبب جي دلين ۾ رکون ٿا، ڪتاب جي اهميت جو اندازو اوهان انهيءَ ڳالهه مان لڳائي سگهو ٿا ته آمريڪن صدر جارج واشنگٽن 1789ع ۾ نيويارڪ سوسائٽيءَ جي لائبريريءَ مان ڪتاب "دي لاز آف نيشنز" پڙهڻ جي لاءِ ڪنيو ۽ حيرت جي ڳالهه اها آهي ته 221 سالن تائين اهو ڪتاب صدر جارج واشنگٽن جي خاندان وٽ ئي رهيو آخرڪار 2010ع ۾، يعني 221 سالن کان پوءِ اهو ڪتاب صدر جارج واشنگٽن جي خاندان وارن لائبريريءَ کي واپس ڪيو.

منهنجا پڙهندڙ نوجوانو! انهيءَ کان علاوه دنيا جي مشهور شخصيتن ۾ جيڪب گريم (جيڪو جرمن لسانيات جو ماهر ۽ لوڪ ڪهاڻين جو گڏ ڪندڙ هو)، پنهنجي ڀاءُ وليم سان گڏ دنيا کي 'سنو وائيٽ' ۽ 'سنڊريلا' جهڙيون مشهور لوڪ ڪهاڻيون ڏنيون مائو زيڊانگ، چيئرمين مائو جين جو انقلابي اڳواڻ سياستدان ۽ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو باني هن 1949ع ۾ پيپلز ريپبلڪ آف چائنا جي قيام جي اڳواڻي ڪئي ۽ چين جي جديد تاريخ تي گهرو اثر ڇڏيو، گولڊا ميئر اسرائيل جي پهرين خاتون وزيراعظم ڪيس سندس مضبوط ارادي ۽ سياست جي ڪري 'آئرن ليڊي' طور سڃاتو ويندو هو فلپ لارڪن 20هين صديءَ جو مشهور انگريز شاعر ۽ ناول نگار، سندس شاعري پنهنجي سادگي، ادبي ۽ زندگيءَ جي تلخ حقيقتن جي عڪاسيءَ لاءِ مشهور آهي مارسل پروسٽ، فرانسيسي ناول نگار جيڪو خاص طور تي پنهنجي سٽن جلدن تي مشتمل شاهڪار ناول 'Search of Lost Time' (À la recherche du temps perdu) لاءِ سڃاتو وڃي ٿو لوئس بورجيز، ارجنٽائن جو عظيم ليکڪ، شاعر ۽ فلسفي هو پنهنجي مختصر ڪهاڻين ۾ تصوراتي دنيا، خوابن ۽ پيچيده فلسفيانه موضوعن کي پيش ڪرڻ لاءِ دنيا ۾ اڄ به مشهور آهي گوئٽا، جرمن شاعر ڊراما نگار ۽ سائنسدان هو مغربي ادب جي عظيم ترين شخصيتن مان هڪ مڃيو وڃي ٿو جنهن جو ناول 'فاوسٽ' (Faust) دنيا جي ادب جو هڪ اهم حصو آهي ۽ لوئس ڪيرل، انگريز ليکڪ ۽ رياضيدان جيڪو سندس مشهور ڪتاب 'Alice's Adventures in Wonderland' جي ڪري ٻارن ۽ وڏن ۾ سڀني کان وڌيڪ مشهور آهي، وغيره شامل آهن اهي سڀئي نه رڳو لکڻ مان مرو ماڻيندا ها پر پنهنجي جوڙاري ڪتاب ڏسي خوش ٿيندا ها، مونکي لڳي ٿو ته اهي شايد رومن اديب ۽ فلسفي سيسيرو کان متاثر پڻ ها، جنهن جو چوڻ هو ته ڪتابن کان خالي ڪمرو هڪ انهيءَ جسم جيان آهي، جنهن ۾ روح نه هجي

هاڻي هتي آئون پنهنجي پڙهڻ وارن نوجوانن کي عرض ڪريان ته ياد رکو نفرت جو انت آهي ئي ڪونه، ڇو ته نفرت انڌي ۽ بي سبب هوندي آهي جيڪڏهن نفرت جو ڪوبه سبب هجي ته انهيءَ سبب کي رد ڪري اوهان نفرت کي محبت ۾ تبديل ڪري سگهو ٿا، جنهن جو درس اسان کي تاريخ جي انهن عظيم ماڻهن جي زندگي مان ملي ٿو ڇاڪاڻ ته نفرت جو ڪو به سبب نه هوندو آهي مون جڏهن پنهنجي معاشري کي انهيءَ زاويي کان ڏٺو ته مون محسوس ڪيو ته اسان بحيثيت قوم بنا ڪنهن سبب جي نفرت جي انتها ۾ مبتلا آهيون ڇا توهان ڪڏهن انهيءَ جي سببن تي سوچيو آهي ته اسان هڪ ٻئي سان نفرت ڪريون ڇو ٿا؟ مون کي پڪ آهي ته جنهن ڏينهن اسان اهو سوچينداسين، ان ڏينهن اسان کي خبر پوندي ته انهن بي مقصد نفرتن اسان کي مختلف گروهن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي انسان جي ماضيءَ جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته جهالت انساني معاشري جي سڀ کان وڏو عيب آهي ۽ اهو عيب پهرين انسان کي، پوءِ هن جي خاندان کي ۽ انهيءَ ڪانپوءِ سڄي معاشري کي عيبدار بڻائي ڇڏي، معاشري جي ٻيو وڏو عيب نااهلي آهي ۽ جڏهن اهي ٻئي عيب هڪ ئي معاشري ۾ گڏ ٿيو وڃن ته پوءِ اتي نه ئي انسان بچي ٿو ۽ نه ئي خاندان ۽ معاشرو اسان جي بدقسمتي اها آهي جو اسان جو معاشرو انهن ٻنهي عيبن ۾ ورتل آهي جيڪڏهن توهان پنهنجي معاشري ۾ جهالت جو مشاهدو ڪرڻ چاهيو ٿا ته پوءِ توهان ڪنهن پوش علائقي کان وٺي پنهنجي وطن جي ڪنهن به

شهر جي ٻاڙي جي گهٽين ۾ وڃو پوءِ اتي توهان کي هر طرف جهالت جا انبار نظر ايندا افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اسان جي معاشري ۾ هر سطح تي اسان جهالت جو شڪار آهيون انهيءَ جو سبب اهو آهي ته اسان وٽ اڄ ڪتاب پڙهڻ عيب سمجهيو وڃي ٿو ۽ افسوس جوڳو عمل اهو آهي ته هر جديد علم کان وٺي وڪسن تائين کي اسان مغرب جي سازش سمجهون ٿا، انهيءَ مان اوهان معاشري جو مستقبل سمجهي سگهو ٿا، انهن عيبن جو علاج صرف هڪڙو آهي، جنهن کي آئون پنهنجي پڙهندڙ نوجوانن جي لاءِ هتي اشارتن عرض ڪريان ٿو ياد رکو امير تيمور پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪافي ملڪ فتح ڪيا، هو دنيا جو مشهور فاتح پڻ هو هن پنهنجي زندگيءَ جا 50 سال تلوارن سان کيڏندي گذاريا، هو دنيا جي انهن نادر ماڻهن مان هڪ هو، جيڪي پنهنجي ٻنهي هٿن سان هڪ ئي وقت ۾ مختلف ڪم ڪري سگهندا ها، هو هڪ هٿ ۾ تلوار ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪهاڙو ڪڻندو هو ۽ ٻنهي هٿن سان ماڻهن جو سر قلم ڪندو هو ساڄي ۽ کاٻي ٻنهي هٿن سان لکي سگهندو هو ۽ سندس حافظو به تمام زبردست هوندو هو، هو جيڪو ڪجهه پڙهندو هو يا ٻڌندو هو اهو هو ڪڏهن به نه وساريندو هو سندس لامحدود دولت ۽ سندس فتح ڪيل ملڪ سڀ زمين جي سيني ۾ راز بڻجي دفن ٿي وڃن ها پر تيمور جي هڪ شيءِ وقت هٿان هن کي بچائي وٺي ۽ اها هئي سندس هٿ سان لکيل ڪتاب، يعني سندس "سوانح حيات تيمور آهيان" جيڪڏهن انهيءَ ڪتاب جو وجود نه هجي ها ته هن جون اهي خوبيون ۽ اهي ڪاميابيون مٽيءَ ۾ ملي وڃن ها امير تيمور پنهنجي اها سوانح حيات فارسي زبان ۾ لکي جيڪا 1405ع ۾ تيمور جي وفات جي ڪري نامڪمل رهجي وئي، ليڪن پهريون ڀيرو اها تيمور جي سوانح 1783ع ۾ برطانيه مان هٿ سان لکيل نسخي جي صورت ۾ شايع ٿي انهيءَ کان پوءِ هن سوانح حيات جو 40 ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو ۽ 229 سالن تائين مسلسل شايع ٿيندي رهي پڙهيل لکيل ۽ اڻپڙهيل ماڻهو ۾ فرق صرف ڪتاب جو آهي امير تيمور جهڙن ماڻهن جون لکيون دنيا جي اڻپڙهيل ۽ پڙهيل لکيل معاشري وچ ۾ ورهاڱو پيدا ڪن ٿيون ۽ قدرت انهيءَ فرق کي برقرار رکڻ لاءِ انهن ڪتابن کي زنده رکندي آهي توهان معاشرن جو تجزيو ڪري ڏسو توهان کي انهن سڀني سماجن ۾ امن سڪون، معيارِ زندگي، رواداري، خوشي ۽ روحاني سڪون ملندو جتي ڪتاب تمام گهڻا پڙهيا وڃن ٿا پر ان جي مقابلي ۾ انهن ملڪن ۾، جتي ڪتاب نٿا پڙهيا وڃن، جتي لائبريرين جو وجود نه هجڻ جي برابر آهي اتي روحاني تنگي به آهي ڌڪ ۽ ڪاوڙ به آهي برداشت جو فقدان به آهي اتي بيچيني ۽ بدامني ماڻهو زندگيءَ جون سموريون نعمتون هئڻ جي باوجود به ناخوش نظر ايندا آهن پنهنجي چوڌاري نظر ڦيرايو توهان کي پنهنجي ساڄي ۽ کاٻي پاسي هزارين اهڙا ماڻهو ملندا، جن کي الله تعاليٰ تمام گهڻين نعمتن سان نوازيو آهي اهي امير، معزز، باڻل صحتمند ۽ طاقتور آهن پر ان جي باوجود به انهن جي زندگيءَ ۾ ڪو به ڏاڏو نه آهي. توهان کي هو هميشه پريشان ۽ شڪايت ڪندي نظر ايندا انهيءَ جو وڏو سبب ڪتابن کان دوري آهي، توهان زندگيءَ ۾ سڀ ڪجهه حاصل ڪري سگهو ٿا پر ڪتابن کان سواءِ انهن شين مان ڏاڏو نه ٿا حاصل ڪري سگهو ڪتاب توهان جي ڪاميابين ۾ مزو ۽ ڏاڏو وڌائين ٿا. جيڪڏهن ڪتاب جنگي ڪاميابين طاقت ۽ دولت ڪان مٿ پريا نه هجن ها ته دنيا جا مشهور ويڙهاڪ فاتح بادشاهه ۽ امير ماڻهو ڪڏهن به ڪتاب نه لکن ها ۽ نه ئي لکرائين ها. اسان زندگيءَ جي اصل حقيقتن جو جائزو تيستائين نٿا وٺي سگهون جيستائين اسان اهي ڪتاب نٿا پڙهون.

ياد رکو اسان ڪڏهن به مطالعي کان سواءِ زندگيءَ ۾ ڪاميابيءَ ۽ ناڪاميءَ جي حقيقت ماپي نٿا سگهون جيڪڏهن توهان ڪڏهن يورپ، آمريڪا يا ڪنهن به ترقي يافته ملڪ جو جائزو وٺندا ته توهان کي ٽرين بسن بس اسٽاپن ۽ پارڪن ۾ ماڻهن ويٺي پڙهندي نظر ايندا هتن کي جتي به جڳهه ۽ موقعو ملندو اتي ئي ڪتاب يا اخبار پڙهڻ شروع ٿي ويندا اسان کي به گهرجي ته پنهنجن ٻارن کي ڪتابن جو عادي بڻايون ڇو ته پڙهڻ هڪ عادت آهي ۽ ان عادت کي به ٻين عادتن وانگر باقاعدگيءَ سان اپنائڻو پوندو جيستائين توهان ڪتابن کي پنهنجي روزانيءَ جي سرگرمين جو حصو نه بڻائيندا، ان کي زندگيءَ جو حصو نه بڻائيندا، تيستائين مطالعو توهان جي عادت نه بڻجندو اها ئي ته اصل ۾ ڪتاب جي عظمت آهي جو علم ۽ ڪتاب کي زوال ناهي ايندو دنيا ۾ تيمور جهڙن ماڻهن جون بادشاهيون ختم ٿيو وڃن ليڪن انهن جي هٿن مان نڪتل صفحا فنا ناهن ٿيندا اهي دنيا ۾ رهندا آهن جيستائين پڙهندڙن جي اڄ باقي رهندي آهي آخر ۾ آئون پنهنجي گفتگو انهن لفظن تي ختم ڪريان ٿو ته دنيا ۾ اڄي پنهنجي زندگيءَ کي بامعنيٰ بڻايو ياد رکو! زندگيءَ کي اوهان ڪتابن کان سواءِ بامعنيٰ نٿا بڻائي سگهو، ڪتابن کان سواءِ اوهان جي زندگي انهيءَ ڪني انب جيان آهي جنهن ۾ سڀ ڪجهه هوندو آهي سواءِ ذائقي جي!

> مطالعي کان سواءِ زندگيءَ ۾ ڪاميابيءَ ۽ ناڪاميءَ جي حقيقت ماپي نٿا سگهون. جيڪڏهن توهان ڪڏهن يورپ، آمريڪا يا ڪنهن به ترقي يافته ملڪ جو جائزو وٺندا ته توهان کي ٽرين، بسن، بس اسٽاپن ۽ پارڪن ۾ ماڻهن ويٺي پڙهندي نظر ايندا هنن کي جتي به جڳهه ۽ موقعو ملندو اتي ئي ڪتاب يا اخبار پڙهڻ شروع ٿي ويندا. اسان کي به گهرجي ته پنهنجن ٻارن کي ڪتابن جو عادي بڻايون ڇو ته پڙهڻ هڪ عادت آهي ۽ ان عادت کي به ٻين عادتن وانگر باقاعدگيءَ سان اپنائڻو پوندو. جيستائين توهان ڪتابن کي پنهنجي روزانيءَ جي سرگرمين جو حصو نه بڻائيندا ان کي زندگيءَ جو حصو نه بڻائيندا، تيستائين مطالعو توهان جي عادت نه بڻجندو اها ئي ته اصل ۾ ڪتاب جي عظمت آهي جو علم ۽ ڪتاب کي زوال ناهي ايندو

ايران-آمريڪا مفاهمتي يادداشت ختم؟



ڊاڪٽر رشيد احمد خان

ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ فريم ورڪ معاهدي تي ڪرين جي صحيح ڪرڻ کي اڃا هڪ مهينو به نه گذريو هو ته صدر ٽونلڊ ٽرمپ جي حڪم تي آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ ايران تي هوائي حملا شروع ڪري ڇڏيا آبنائي هرمز سان لڳندڙ ايراني سامونڊي پٽي تي موجود ايران جي دفاعي تنصيبات ۽ بندرگاهن تي آمريڪي حملن جو سلسلو 7 ۽ 8 جولاءِ تي شروع ٿيو هو آمريڪا جو چوڻ آهي ته اهي حملا ايران پاران آبنائي هرمز ۾ متبادل رستو اختيار ڪندڙ ٻن جهازن کي نشانو بڻائڻ جي جواب ۾ ڪيا ويا آهن آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ جي هڪ بيان موجب انهن حملن دوران 80 ايراني تنصيبات کي نشانو بڻايو ويو بهرحال تازن حملن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هاڻي آمريڪا ايران جي وچولي ۽ اترين علائقن کي به نشانو بڻائڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي

صدر ٽرمپ آبنائي هرمز ۾ موجود ايراني ٻيٽن تي قبضي جو منصوبو ناهي رهيو آهي آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ موجب انهن قدمن جو مقصد ايران جي عسڪري قوت کي ڪمزور بڻائڻ آهي ته جيئن آبنائي هرمز مان واپاري جهاز ۽ تيل کڻندڙ ٽينڪر بنا رڪاوٽ گذري سگهن صدر ٽرمپ ايران کي عالمي منڊيءَ ۾ تيل وڪڻڻ جي جيڪا اجازت ڏني هئي اها به واپس وٺي ڇڏي آهي ۽ ان سان گڏ ايران جي سامونڊي ناڪابندي پڻ ٻيهر بحال ڪئي وئي آهي ان جو صاف مطلب اهو آهي ته 17 جُون تي ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنهن مفاهمتي يادداشت (ايم او يو) تي صحيحون ٿيون هيون، اها هاڻي عملي طور معطل ٿي چڪي آهي ايران جي طرفان به اهو اعلان سامهون آيو آهي ته صدر ٽرمپ جي انهن قدمن سبب اها مفاهمتي يادداشت غير مؤثر بڻجي وئي آهي صدر ٽرمپ جي بيانن مان به اهو تاثر ملي ٿو ته ايم او يو هاڻي ختم ٿي چڪي آهي ڇاڪاڻ ته هاڻي هو رڳو آبنائي هرمز ۾ بنا رڪاوٽ جهازراني جي حمايت نٿا ڪن پر ايران سان هڪ نئين معاهدي جو مطالبو ڪري رهيا آهن جيڪڏهن ايران ان لاءِ تيار نه ٿيو ته صدر ٽرمپ اهڙي ئي قسم جون ڌمڪيون ڏنيون آهن جهڙيون هن اپريل ۾ جنگبنديءَ کان اڳ ڏنيون هيون، يعني ايران جون پليون، ريلوي نيٽ ورڪ ۽ بجلي گهر تباهه ڪري ڇڏيندا ان پسمنظر ۾ پاڪستان جي پرڏيهي وزارت چيو آهي ته اسلام آباد جي خواهش آهي ته مفاهمتي يادداشت تي عملدرآمد جاري رهڻ گهرجي پاڪستان مسئلن جي حل لاءِ ڳالهين تي يقين رکي ٿو ۽ ايران- آمريڪا تڪرار ڪنهن به ڌر جي مفاد ۾ ناهي پاڪستان آبنائي هرمزمان واپار ۽ تيل جي بنا رڪاوٽ ترسيل جو حامي آهي ياد رهي ته جُون مهيني ۾ ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ طئي ٿيل مفاهمتي يادداشت کي اسرائيل کانسواءِ تقريباً سڄي دنيا ڀليڪار ڪيو هو، جنهن ۾ آمريڪا جا اتحادي ۽ نيٽو جا ميمبر ملڪ به شامل هئا خود صدر ٽرمپ انهن لفظن ۾ ايم او يو جي حمايت ڪئي هئي ته "هن معاهدي تحت آمريڪا اهي سڀ مقصد حاصل ڪري ورتا آهن جيڪي هو ايران سان جنگ ذريعي حاصل ڪرڻ چاهيندو هو" يعني ايران سان تڪرار جو خاتمو آبنائي هرمز کي ٻيهر کولڻ ۽ اها ضمانت حاصل ڪرڻ ته ايران ڪڏهن به ايٽمي طاقت نه بڻجندو پر 8 جولاءِ تي ايران تي حملن جي شروعات کان پوءِ صدر ٽرمپ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته "هاڻي ايم او يو جي ڪا به حيثيت نه رهي آهي آمريڪا ايران سان پنهنجي شرطن تي نئون معاهدو ڪرڻ چاهي ٿو ۽ جيڪڏهن ايران هڪ هفتي اندر ان تي راضپو ظاهر نه ڪيو ته ان جي مواصلاتي نظام ۽ توانائي پيدا ڪندڙ منصوبن کي تباهه ڪيو ويندو" گذريل تيرهن مهينن دوران ايران بابت آمريڪي صدر پاران پنهنجن ئي بيانن تان ڦرڻ جو اهو ٽيون وڏو مثال آهي پهريون مثال گذريل سال جُون ۾ آمريڪي بي-2 بمبار جهازن ذريعي ايران جي جوهري تنصيبات تي حملا هئا، جڏهن ته ان وقت جنيوا ۾ ايران ۽ آمريڪا جا نمائندا ڳالهين ۾ مصروف هئا ان موقعي تي چين چيو هو ته آمريڪا ايران تي حملو ڪري عالمي سياست ۾ پنهنجي ساک کي نقصان پهچايو آهي ٻيو واقعو 28 فيبروري تي آمريڪا ۽ اسرائيل جو ايران تي حملو هو، جنهن ۾ ايران جي سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اي شهيد ٿي ويا هئا. پاڪستان ۽ ٻين ملڪن جي ڪوشش سان ٻنهي ڌرين لاءِ قابل قبول هڪ فريم ورڪ معاهدو طئي ٿيو هو، جنهن تي عملدرآمد لاءِ 60 ڏينهن جو شيڊيول به تيار ڪيو ويو پر اڃا ٽي هفتا به نه گذريا هئا جو ٽرمپ ٻيهر ايران تي حملن جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو جيڪي سندس پنهنجي چوڻ موجب اڳوڻن حملن کان وڌيڪ سخت آهن گذريل هڪ هفتي دوران آمريڪي حملن جي نتيجي ۾ دفاعي تنصيبات جي تباهيءَ سان گڏ ايران ۾ جاني نقصان پڻ ٿيو آهي پر انهن حملن آمريڪا کي به عالمي سطح تي ٻي نقلاب ڪري ڇڏيو آهي اهو ثابت ٿيو آهي ته صدر ٽرمپ جي ڪنهن به بيان يا واعدي تي مڪمل ڀروسو نٿو ڪري سگهجي آمريڪا پنهنجي فوجي طاقت جي زور تي ايران کي وڏو نقصان پهچائي سگهي ٿو پر اخلاقي طور صدر ٽرمپ کي شڪست جو منهن ڏسڻو پيو آهي هاڻي شايد ئي ڪو ملڪ آمريڪي صدر جي ڳالهين تي اڳ وانگر اعتماد ڪري. آمريڪا هڪ سپر پاور آهي ۽ ان جا مفاد صرف وچ اوڀر يا خليج فارس تائين محدود ناهن پر دنيا جي هر خطي ۾ پکڙيل آهن اهڙي طرح ايران به اهو واحد ملڪ ناهي جنهن سان آمريڪا کي معاملا طئي ڪرڻا پون ٿا. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن کي آمريڪا سان لاڳاپا رکڻا پون ٿا، پر اهي هاڻي صدر ٽرمپ جي شخصيت ۽ پاليسين کي ذهن ۾ ضرور رکندا

جيڪڏهن آمريڪي حملن ۾ وڌيڪ شدت آئي ته يمن جا حوثي بحيره احمر ۽ بحر هند کي ملائيندڙ اهم سامونڊي رستي باب المندب کي به واپاري جهازن لاءِ بند ڪري سگهن ٿا. اهڙي صورتحال عالمي معيشت تي سخت اثر وجهندي، خاص طور تي انهن ملڪن تي جيڪي پنهنجي توانائيءَ جي ضرورتن جو وڏو حصو وچ اوڀر ۽ خليج فارس مان حاصل ڪن ٿا. نتيجي طور دنيا اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وڏي معاشي ۽ سياسي بحران کي منهن ڏئي سگهي ٿي

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

اڄ پڻ اُتر پار ڏي ڪَڪَرَ ٿو ڪَري،
واڄڊَ وائِڙِينَ تي، خالِقُ ڪَنڊُ پَرِي،
ٻيڪارئان ٻَرِي، شالَ مَ وِڃَنِ سُپرِينَ.

پيار، ميٺ محبت ۾ پنهنجي سڄڻن سان گڏ رهندڙ دلين کي اڄ وري آئٽ ملي ٿي جو اتر طرف کان اڀ تي ٻيهر ڪڪر پيا ترور ٿين. سوڪهڙي جي ستايل دلين مان آهه نڪري ٿي ته "اي پالڻهار، اي خلقيندڙ خدا تون پوري دنيا کي سدائين سکيو رکُ، ڪو به ڪَنڊَ ٻڪ، بد حالي ۽ ڏولاون جي ورچڙهيل نه هجي هي رستا، هي گس پنڌ جل ٿل هجن اکين ٺار ساوڪ ڪري ڇڏ! جيڪڏهن هتي ميٺهن نه پوندا سوڪهڙو ٿيندو ۽ منهنجا سيڻ سڄڻ سپرين منهنجي اکين کان اوجهل ٿي پري هليا ويندا ۽ هيءُ درمانڊي دل سندن ديدار لاءِ درشن لاءِ سڪندي رهندي. لطيف سائينءَ هر موڙ تي هر منظر ۾ سنڌ جي مسڪين ماڻهن جي دلين جي ترجماني ڪئي آهي انهن دلين جي پڪار ٻڌجندي خدا وند تعاليٰ کان پوري جهان کي سکيو ستابو رکڻ جي التجا ٿو ڪري، ته هر طرف خوشحالي هوندي ته ڪا به دل ڏولاوي جو ڏينهن نه ڏسندي، ڪا به اڪ پنهنجي پرينءَ جي اوسيڙي ۾ ڳوڙها نه ڳاڙيندي، سيڪو پنهنجي گهرين تڙين خوش گذاريندو **(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)**

اڄوڪو ڏينهن ---- 18 جولاءِ

مهدي حسن

اڄ پاڪستان جي مشهور راڳيءَ مهدي حسن جي جنم جو ڏينهن آهي



پاڪستاني فلمن لاءِ ڳايل سندس غزل سڄي ننڍي کنڊ ۾ اڄ به شوق سان ٻڌا وڃن ٿا موسيقيءَ جي دنيا ۾ کيس "غزل جو شهنشاهه" ڪوٺيو وڃي ٿو مهدي حسن جو جنم 18 جولاءِ 1927ع تي هندستان جي راجستان رياست جي ڳوٺ لونا ۾ هڪ موسيقار گهراڻي ۾ ٿيو هو ائين ورهين جي ننڍڙي ڄمار کان پنهنجي پيءُ استاد عظيم خان ۽ پنهنجي چاچي استاد اسماعيل خان جي سرپرستيءَ ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پنجاب جي چيچاوطني شهر جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ رهائش اختيار ڪيائين انهيءَ ڳوٺ ۾ هن پنهنجي زندگيءَ جا ڪافي سال انتهائي غربت ۾ گذاريا. 1952ع ۾ کيس ريڊيو تي ڳائڻ جو موقعو مليو، جنهن سبب کيس ڪافي مشهوري ملي سندس ڳائڪيءَ جي فن ۽ وڻندڙ آواز کي ڏسندي 1956ع ۾ کيس پاڪستاني فلم شڪار جي لاءِ هڪ غزل ڳائڻ جو موقعو مليو. ڏسندي ئي ڏسندي هو پاڪستاني فلمن جو مشهور پس پرده راڳي بڻجي ويو 1960ع ۽ 1970ع وارن ڏهاڪن ۾ هن پاڪستاني فلمن لاءِ هزارن جي تعداد ۾ غزل ۽ گيت ڳايا، هن سنڌي فلم گهونگهٽ لاهه ڪنوار لاءِ به هڪ گانو ڳايو هو هن 13 جون 2012ع تي وفات ڪئي

اهجڙيو شاد

هن نامور اديب جو جنم 18 جولاءِ 1945ع تي ميرپورخاص ضلعي جي شهر جهڏي ۾ ٿيو هن جي والد جو نالو فتح علي کهيڙي هو هن بي اي تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ لوڪل گورنمينٽ ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو پاڻ سنڌي ادبي سنگت جهڏي جي باني ميمبرن مان هڪ هو هن ميرپور ضلعي ۾ ڪيترائي ادبي پروگرام ۽ سيمينار ڪوٺايا هن 18 آڪٽوبر 2023ع تي وفات ڪئي



ڊاڪٽر شمشاد اختر ڏيٿو

اڄ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي پهرين خاتون گورنر ۽ نامور معاشي ماهر ڊاڪٽر شمشاد اختر ڏيٿو جي سالگرهه جو ڏينهن آهي ڊاڪٽر شمشاد اختر 18 جولاءِ 1949ع تي حيدرآباد ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو



سندس وڏا اصل ۾ نوشهري فيروز ضلعي جي ڳوٺ نظر ڏيٿو جا رهواسي هئا هن 1974ع ۾ پنجاب يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي ان بعد قائداعظم يونيورسٽيءَ مان ايم اي (اڪنامڪس) جي سند حاصل ڪئي 1977ع ۾ سسيڪس يونيورسٽي انگلينڊ مان ماسٽر ڊگري ۽ 1980ع ۾ پيزلي ڪاليج آف ٽيڪنالاجي اسڪاٽليند مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي هن آمريڪا جي هارورڊ يونيورسٽيءَ مان پوسٽ ڊاڪٽورل فيلوشپ جو اعزاز پڻ حاصل ڪيو هن 1980ع ۾ پاڪستان پلاننگ ڪميشن اسلام آباد ۾ ڪجهه عرصو نوڪري ڪئي ان بعد ورلڊ بئنڪ جي پاڪستان ۾ ريزيڊنٽ مشن ۾ ملازمت ڪيائين هن 2005ع کان 2009ع تائين پاڪستان جي اسٽيٽ بئنڪ جي 14هين گورنر طور خدمتون سرانجام ڏنيون هن ايشيائي ترقياتي بئنڪ، ورلڊ بئنڪ ۽ گڏيل قومن ۾ اهم عهدن تي رهي ڪم ڪيو هن 2023ع واري نگران حڪومت ۾ پاڪستان جي ناڻي واري وفاقي وزير طور ذميداريون سنڀاليون هن 27 ڊسمبر 2025ع تي وفات ڪئي

برڪت بلوچ

اڄ مشهور اديب برڪت بلوچ جي جنم جو ڏينهن آهي پاڻ ادبي دنيا ۾ هڪ شاعر لطيفيات جي پارکوءَ لسانيات جي ماهر، محقق ۽ نقاد جي حيثيت ۾ ڄاتل سڃاتل آهي سندس جنم 18 جولاءِ 1953ع تي ضلعي خيرپور تعلقي ڪوٽڏيجي جي ڳوٺ ڄاڻي ٻرڙي ۾ ٿيو سنڌيءَ ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪري شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ ساڳئي شعبي جي اسسٽنٽ پروفيسر طور رٽائر ٿيو هن جا ٻه ڪتاب "شيشي جو گهر" ۽ "ادبي اصلاحات جي لغت" اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهن



ڊاڪٽر اجمل ساوند

اڄ هٿرادو ذهانت جي ماهر ڊاڪٽر اجمل ساوند جي جنم جو ڏينهن آهي هن املهه انسان جو جنم 18 جولاءِ 1982ع تي ڪنڌڪوٽ ضلعي ڪشمور ۾ ٿيو هن مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جا امتحان ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪيا، هو انهيءَ ڪاليج مان شايع ٿيندڙ مختلف رسالن جو سب ايڊيٽر رهيو ۽ ڪاليج جو هڪ هونهار شاگرد هو هن مهراڻ يونيورسٽي ڄامشوري مان سافٽ ويئر انجنيئرنگ ۾ 2006ع ۾ گريجوئيشن ڪئي ان بعد يونيورسٽي آف پئرس ڊسڪارٽيس (University of Paris Descartes) مان ڪمپيوٽر سائنس ۾ ماسٽر ۽ هٿرادو ذهانت جي مضمون ۾ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيائين وطن واپسيءَ تي سکر آءِ بي اي يونيورسٽيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين تاريخ 6 اپريل 2023ع تي جيئن ئي هو پنهنجي زمين تان واپس گهر اچي رهيو هو ته نامعلوم هٿيارٻندن کيس گوليءَ مان لاهي شهيد ڪري ڇڏيو هن جي شهادت سان سنڌ هڪ انمول سائنسدان ۽ تعليمي ماهر کان محروم ٿي وئي آهي



شاهنواز ڀٽو

اڄ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ننڍي پٽ شاهنواز ڀٽي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 21 نومبر 1958ع تي ٿيو هو لاهور ۽ اسلام آباد ۾ پڙهيو ۽ وفات وقت سئٽزرلينڊ ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪري رهيو هو 1977ع ۾ پاڪستان ۾ مارشل لا لڳڻ ٿيڻ بعد هن ۽ سندس ڀاءُ مرتضيٰ ڀٽي،



فوجي حڪومت جي خاتمي ۽ پنهنجي پيءُ جي حياتي بچائڻ لاءِ جدوجهد ڪئي پر کين ڪاميابي نه ملي ٻنهي ڀائرن افغانستان جي جنرل شاهنواز جي ڌيئرن سان شادي ڪئي 18 جولاءِ 1985ع تي شاهنواز جو لاش فرانس ۾ سندس گهر مان مليو چيو وڃي ٿو ته کيس زهر ڏئي شهيد ڪيو ويو سندس شهادت جو اصل سبب اڄ تائين معلوم نه ٿي سگهيو آهي



مختيار اٽڙ


مشتاق پرڳڙي

اڄ مشهور ليکڪ مشتاق پرڳڙيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي هو هڪ سٺو شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نويس هو هن جو جنم 16 سيپٽمبر 1974ع تي ضلعي دادو تعلقي جوهيءَ جي ڳوٺ ائين شاخ ۾ ٿيو هن بي اي تائين تعليم دادوءَ مان حاصل ڪئي ۽ ايم اي جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين مشتاق پرڳڙيءَ 1988ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو هن دادوءَ مان رمجهم رسالو جاري ڪيو ۽ پاڻ ئي انهيءَ جو ايڊيٽر رهيو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ پلچي (ڪهاڻيون)، موکيءَ مٽ اپٽيا (گڏيل شاعري)، لفظ نه آهن ڪيڏوٽا (مضمون، ڪالم، خاڪا)، سفر (ڪهاڻيون) ۽ ايئن ئي جيئندا رهون ٿا (نثري نظم) شامل آهن چيو وڃي ٿو ته 2015ع ۾ رليز ٿيل بالي ووڊ جي فلم "پي ڪي" مشتاق پرڳڙيءَ جي ڪهاڻين جي ڪتاب پلچيءَ جي هڪ ڪهاڻيءَ "پي ڪي ۽ اسلام" تان ڪاپي ٿيل آهي مشتاق جي ڪجهه ڪهاڻين کي ڊرامائي روپ ڏئي ٽيليويزن تان پڻ نشر ڪيو ويو آهي هن 18 جولاءِ 2007ع تي وفات ڪئي



ممتاز علي ڀٽو

اڄ سنڌ جي مشهور سياسي اڳواڻ ممتاز علي خان ڀٽي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن ٽلي واري سياستدان جو جنم 1933ع ڌاري لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ پيربخش ڀٽي ۾ ٿيو. ورهاڱي کان اڳ هن هندستان جي رياست اترکنڊ جي شهر مسوريءَ ۾ قائم سينٽ جارجس ڪاليج مان تعليم حاصل ڪئي ورهاڱي کان پوءِ لارنس ڪاليج مريءَ ۾ پڙهيو اڳتي هلي لنڊن جي لنڪن ان مان بئريسٽريءَ جي سند حاصل ڪيائين هن 1959ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان ماسٽر ڊگري پڻ حاصل ڪئي هن سياسي سفر جي شروعات 1960ع واري ڏهاڪي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هڪ باني ميمبر طور ڪئي 1970ع وارين عام چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو هو 24 ڊسمبر 1971ع تي سنڌ جو گورنر ۽ پهرين مئي 1972ع تي وزيراعليٰ سنڌ مقرر ٿيو 1977ع وارين چونڊن ۾ ٻيهر قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ کيس سنڌ پيپلز پارٽيءَ جو صدر مقرر ڪيو ويو 1985ع ۾ هن لنڊن ۾ "سنڌي بلوچ پشتون اتحاد" ناهيو ۽ پاڻ انهيءَ اتحاد جو ڪنوينر بڻيو 1989ع ۾ هن سنڌ نيشنل فرنٽ جي نالي سان پنهنجي پارٽي ناهڻ جو اعلان ڪيو 1993ع ۾ هو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو 1996ع ۾ بينظير ڀٽي جي حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه عرصو نگران وزيراعليٰ سنڌ طور ڪم ڪيائين هن سنڌ جي قومپرست پارٽين سان ملي سنڌي قومي اتحاد ناهيو پر اهو اتحاد ڪو خاص ثابت نه ٿيو آخري عمر جي آخري حصي ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيائين هن 18 جولاءِ 2021ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو



سرمد چانڊيو

اڄ مشهور اديب سرمد چانڊيي جي جنم جو ڏينهن آهي سرمد چانڊيي جو اصل نالو سونو خان ولد جمعو خان هو ۽ سندس جنم قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي ڳوٺ جمال خان چانڊيي ۾ 20 جون 1950ع تي ٿيو هن جي ادبي سرگرمين سان دلچسپي ننڍپڻ کان ئي رهي هو سنڌي ادبي سنگت قمبر شاخ جو سرگرم ميمبر ۽ ڪجهه وقت سيڪريٽري رهيو 1992ع ۾ هو سنڌي ادبي سنگت ضلعي لاڙڪاڻي جو رابطه سيڪريٽري پڻ رهيو هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ ڪارا ڪٽيجي ريتا گيت، مون کي سڏ اروڙ جا، سانوڻ پهرين بوند، جمهوريت جو چنڊ، جمهوريت جي شهزادي، جمهوريت کي نويد، ڪلام عثمان فقير سانگي، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي چنڊ وديا، شاهه لطيف ۽ راڳ ويراڳ ۽ ديوان سرمد شامل آهن هن 18 جولاءِ 2022ع تي وفات ڪئي



ستارام روهڙا

اڄ هندستان جي مشهور راڳيءَ ۽ هدايتڪار ستارام روهڙا جي پهرين ورسي ملهائي پئي وڃي ستارام روهڙا 16 جون 1939ع تي سنڌ جي شهر سکر ۾ ڄائو هن جا ڳايل صوفي ڪلام، مزاحيه گيت ۽ فلمي گيت تمام گهڻو مشهور ٿيا هن مشهور گلوڪاره ڀڳونتي نارائيءَ سان گڏ گوبند ملهيءَ جي قائم ڪيل ڪلاڪار منڊل جي اسٽيج تي ڪيترائي خوبصورت دوگانا ڳائي مقبوليت ماڻي هن سنڌي فلمن جهولي لال هل ته پڇي هلون، شل ڌيئر نه ڄمن ۽ لاڏليءَ ۾ سريلا گيت ڳايا، ان کان علاوه ڪيترن ئي اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪار طور حصو ورتو هن 18 جولاءِ 2024ع تي هن فاني دنيا جي اسٽيج تان موڪلايو



سوڍل فقير

هن صوفي فنڪار جو جنم موري ويجهو ڳوٺ ٻجراڻي لغاريءَ ۾ علي بخش لغاريءَ جي گهر ۾ ٿيو هن فقط پنج درجا پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهيا، غربت سبب وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو ڳائڻ سان ننڍي هوندي کان ئي شوق هئس هن استاد اميد علي لغاريءَ ۽ محمد حسن لغاريءَ کان راڳ جي سکيا ورتي ۽ 1982ع کان باقاعدي ڳائڻ شروع ڪيو هن جون ڪيتريون ئي آڊيو ڪيسٽون ۽ سيڊيون مختلف ڪمپنين پاران رليز ٿيون. سوڍل فقير اڄوڪي ڏينهن تي 2024ع ۾ دم ڏنيءَ حوالي ڪيو



شدگي خلاف اسان سراپا احتجاج آهيون ۽ ان کي نہ ظاھر ڪيو ٿو وڃي نہ آزاد ڪيو ٿو وڃي هنن چيو جيڪڏهن هو ڪنهن ڏوھ ۾ ملوث آهي تہ اھو ڏوھ ثابت ڪيو وڃي عدالتون آهن ملڪ جو آئين قانون آهي ان تي عمل نہ ٿو ڪيو وڃي اسان چئون ٿا اسان جو نوجوان بيڏوهي آهي هن کي آزاد ڪيو وڃي هنن چيو اسان مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهيون ۾ سگهڻا آزادي جا آسرا ڏنا پيا وڃن غني امان چانڊيو آهي پوليس جي اڳوائي ۾ ڪنهي گم ڪيل نوجوان منظور جمالي کي آزاد ڪيو وڃي

بقايا	38	سخت پريشان

لاءِ صلوات ۽ پاڪ ڪتاب جو ورد جاري آهي. خوڏانهن ان موقعي تي ٽنيهن نوجوانن جي وارثن ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي تہ خدارا اهڙي ماسڙي جو نوٽيس وٺي اسان جي گم ٿيل نوجوانن جي ڳولها ۾ مدد ڪئي وڃي.

بقايا	39	لاءِ احتجاجي مظاهرو

باجڪاڻي - غلام مصطفي ميراڻي - چندر لال - شاهنواز مرهٽو - ۽ ٻين چيو تہ سنڌ سرڪار آخر سنڌ ۾ ٿيندڙ ظلمن ۽ ناانصافين تي خاموش ڇو آهي معصوم ٻار گم آهن وارثن جي گهرن ۾ قيامت جا منظر آهن ۽ وس وارن ۽ سنڌ سرڪار کي ڪجهہ نظر ھي نہ ٿو اچي ٻارن کي بازياب ڪرائڻ بدران سرڪار پنهنجي طاقت جو زور آزمائي وارثن کي پريشر ۽ ڌمڪيون ڏئي لڳل ڌرڻي کان ڀري ڪري ڇڏيو آهي معصوم پريا ڪماري جي والد راجڪمار تي هندو پنچايت جي سڪر جي مکي ايشور لال ذريعي ڌمڪيون ڌرڻي کان لاتعلقي ڪرائي آهي ۽ هي تحريڪ سنڌ جي باشعور طبقي جي تحريڪ آهي جيڪا ٻارن جي بازيابي ضرور ڪرائيندي اسين وفد جي صورت ۾ ...

فيضي گروپ جا اهم ڪارندا ڪوئيٽا ٽائون ۾ موجود آهن جنهن تي ايس آءِ يو ٽيم ڇاپو هنيو جوابدارن پوليس کي ڏسي فائرنگ شروع ڪري ڏني، جنهن جي جواب ۾ ٿيل فائرنگ دوران ٻئي جوابدار مارجي ويا. ايس ايس پي موجب مارجي ويل جوابدارن جي سڃاڻپ شير خان عرف سهراب ۽ سعيد محمد جي نالن سان ٿي آهي، جيڪي ٻئي افغان شهري هئا. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ جوابدارن وٽان غيرقانوني هٿيارن سان گڏ ڀتو خوري ۾ استعمال ٿيندڙ موبائل فون پڻ هٿ ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر سميع الله سومرو چيو تہ مارجي ويل جوابدار سهراب ڳوٺ ٿاڻي تي داخل ڀتو خوري جي هڪ ڪيس ۾ ايس آءِ يو کي گهربل هئا. هنن ڪوئيٽا ٽائون ۾ هڪ ڊاڪٽر ۽ اسپتال جي مالڪ کان هڪ ڪروڙ رپيا ڀتو طلب ڪيو هو جنهن بابت ڪيس سهراب ڳوٺ ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو ۽ ان جي جاچ ايس آءِ يو ڪري رهي هئي هن چيو تہ ايس آءِ يو ٽيڪنيڪل سهڪار ۽ هيومن انٽيليجنس جي مدد سان جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ لوڪيشن حاصل ڪئي گذريل رات جڏهن کين گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ جوابدارن پوليس تي فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ جوابي ڪارروائي دوران ٻئي مارجي ويا. ابتدائي جاچ موجب مارجي ويل جوابدار افغانستان ۾ موجود ٽي ٽي پي ڪمانڊر فيض محمد عرف فيضي سان مسلسل رابطي ۾ هئا ۽ اسپتال جي مالڪ کان ڀتو وصول ڪرڻ بابت هدايتون پڻ ساڻس وٺي رهيا هئا. ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع الله سومرو موجب واقعي کان پوءِ مارجي ويل جوابدارن خلاف ايس آءِ يو ۾ وڌيڪ قانوني ڪارروائي پڻ شروع ڪئي وئي آهي قانوني ڪارروائي کان پوءِ مارجي ويل ملزمن جا لاش مرده خاني ڏانهن منتقل ڪيا ويا.

مطالبو ڪيو تہ هنن معاملي جي شفاف انڪوائري ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا	23	ٻاران جاچ شروع

ٽيوشن پڙهائڻ ويو هو. پوليس جو چوڻ آهي تہ واقعي جي مختلف پهلوئن کان جاچ جاري آهي جڏهن تہ پوسٽ مارٽم رپورٽ ۽ ٻين شاهدن جي روشني ۾ موت جي سببن جو تعين ڪيو ويندو اختيارين موجب جاچ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا	24	فوت، مڙس

پٽ جا رهواسي مهر برادري سان تعلق رکندڙ زمان مهر پنهنجي زال ۽ پٽ سان گڏ خانپور مهر علاج لاءِ آيو هو پٽ جو علاج ڪرائڻ کان پوءِ هو واپس پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيا هئا تہ پاڳسر ويجهو سندن گاڏي ٽريڪٽر ٽرالي سان ٽڪرائجي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هي المناڪ حادثو پيش آيو. فوتين جا لاش جڏهن سندن اباڻي ڳوٺ پهتا تہ علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي ۽ گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ضروري ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي، جڏهن تہ حادثي جي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا	25	آفيس جو گهيراءُ

رهيا، ڌرڻي دوران آفيس مان سمورو عملو غائب ٿي ويو نہ آفيس ۾ ايم سي ٻولهاڙي جو چيئرمين نہ ڪو ڪائونسلر موجود هو جڏهن تہ ڌرڻي وقت سي ايم او بگن خان ننداڻي جيئن پهتو تہ ڌرڻي وارن کي ڏسي ڪار ڊوڙائي ڪسڪي ويو ان موقعي تي جسقم اڳواڻ ديدار شام خطاب ڪندي چيو تہ ايم سي ٻولهاڙي کي ڪاروبار جو ذريعو بڻايو ويو آهي هتي پيئڻ جو پاڻي بہ وڪرو ڪيو وڃي ٿو ڪروڙين رپين جي ماهوار ...

ڪيس خيرپور جي عدالت ۾ هلندڙ آهي جڏهن تہ پوليس بااثر مخالفن کان ڳري رشوت وٺي بنا جواز چڙهائي ڪري اسانجي گهرن کي باهيون ڏئي مخالف ڌر جا هٿيار بند ساڻ ڪري ريھ جريب تيار ٿيل ڪڻڪ جو فصل ڪٽرائي مخالفن جي حوالي ڪري اسانجي ٽن ڳوٺائن کي گم ڪري ڇڏيو آهي مظاهرين پاران ايس ايس پي خيرپور ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻين وس وارن کان

چنا، اسدالله ناريجو ۽ ٻين صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ريجنل يونين آف جرنلسٽ پاڪستان سنڌ جي صدر غلام عباس پنهور پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ محسن پٽي هڪ تجربيڪار سلجهيل ۽ ذميوار صحافي هئا، جن پنهنجي سڄي زندگي صحافت جي وقار سچائي ۽ عوامي حقن لاءِ وقف ڪري ڇڏي هن چيو تہ مرحوم نہ رڳو صحافتي ميدان ۾

قاضي شفس، زاهد قريشي، عمر خان، قادر شورو ۽ ٻين سماجي اڳواڻن واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ واقعي جي فوري جاچ ڪري ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا	9	ڪرڻ جي دعويٰ

جي عملي کي طبي فضلي جي محفوظ نيڪال بابت بہ باقاعده تربيت نہ ڏني وئي، جڏهن تہ اسپتال انتظاميا انفڪشن ڪنٽرول بابت ڪا لکت واري پاليسي يا لاڳاپيل گائيڊ لائينز بہ پيش نہ ڪري سگهي سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن موجب معائني دوران آٽو ڪليو مشين جي صحيح ڪم ڪرڻ جي تصديق بہ نہ ٿي سگهي، جڏهن تہ آپريشن ٿيٽر ۽ نرسنگ اسٽاف پڻ معائني وقت غير حاضر هئا. ترجمان ٻڌايو تہ طبي فضلو ڪٽڻ ۽ تلف ڪرڻ واري نجي ٺيڪيدار جي عملي کي بہ مناسب تربيت نہ مليل آهي جڏهن تہ آپريشن ٿيٽر ۾ انفڪشن ڪنٽرول جي اصولن تي مڪمل عملدرآمد نہ ٿيڻ جي بہ نشاندهي ڪئي وئي. هن چيو تہ اسپتال انتظاميا ڪجهہ خامين جي ازالي لاءِ سنجيده قدم کنيا آهن جن ۾ ڪلر ڪوڊڊ ويسٽ بنز ۽ آٽو ڊسپوزيبل سرنجن جي خريداري شامل آهي پر ان جي باوجود ڪميشن جون گهڻيون سفارشون اڃا تائين مڪمل طور تي لاڳو نہ ٿي سگهيون آهن سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن اسپتال انتظاميا کي بيهر سمورن معاملن بابت آگاهہ ڪندي هدايت ڪئي آهي تہ مقرر ڪيل سفارشون فوري طور تي مڪمل ڪيون وڃن ترجمان واضح ڪيو تہ جيڪڏهن مستقبل ۾ بہ هدايتن تي عمل نہ ڪيو ويو تہ قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، جنهن ۾ لاڳاپيل شعبن کي سيل ڪرڻ سميت ٻيا قانوني قدم پڻ شامل ٿي سگهن ٿا، ڇو تہ مريضن جي صحت ۽ حفاظت تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو قبول نہ ڪيو ويندو

۾ زهر ڏني وئي، ڀلتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال منتقل گذريل ڏينهن درگاهہ نور پور تي ويل پيرسن محمد مشتاق ناريجو کي اڻڄاتل ماڻهون ڪاڏي ۾ زهر ڏئي فرار ٿي ويا ڪاڏو کائڻ کان پوءِ پيرسن شخص کي ڀلتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال خيرپور آندو ويو آهي جتي سندس علاج جاري آهي

بقايا	35	افغاني گرفتار

شامل آهن منصور پٽ محمد رحيم صادق پٽ خان محمد، گلزار پٽ مير عالم صدام پٽ جمعہ خان صدام پٽ حيات خان بشير خان پٽ شير محمد ۽ مدثر پٽ محمد رحيم پڻ حراست ۾ ورتل ماڻهن ۾ شامل آهن پوليس جو چوڻ آهي تہ انهن سڀني غير قانوني افغان رهواسين کي ملڪ بدر ڪرڻ لاءِ افغانستان ڊي پورٽ ڪيو ويندو

بقايا	36	ڪهرام

قانوني ڪاغذي ڪارروائي بعد وارثن جي حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا	37	گڏجي ڌرڻو

لمس گيٽ وٽ انڊس هاءِ وي تي مردن عورتن معصوم ٻارڙن احتجاجي مظاهرو ڪندي ڌرڻو هنيو ويو آهي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن گم ٿيل منظور جمالي جي امڙ نوران جمالي ڀيڻ ماڻرا جمالي ڀائرن وزير جمالي نظير جمالي ۽ احتجاج ۾ شريڪ قوم پرست اڳواڻ غني امان چانڊيو ۽ ٻين چيو تہ اسان جي نوجوان منظور جمالي کي هڪ مهينو اڳ گهران پوليس وردي ۾ آيل پوليس اهلڪارن ننڊ مان اٿاري سرعام ڪنهي گم ڪري ڇڏيو آهي اهڙي گم

شاهہ خادم ڪلهوڙو حاتم ڪلهوڙو ٻين جو شاهينجون پوليس خلاف احتجاج مظاهرو روڊ بلاڪ پوليس خلاف سخت تعريبازي جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو چار ڪلاڪ کان روڊ بلاڪ ٽريفڪ معطل 4 ڪلاڪن کان بعد ايس ايچ او شاهينجون رسول بخش پنهور ڌرڻي واري هنڌ پهچي وارثن سان ڳالهائيندي چيو تہ ٻن ڏينهن ۾ جوابدارن کي گرفتار ڪري اوهان کي انصاف ڏيارو ويندو هوڏانهن ايس ايچ او جي يقين دهاني کان بعد ۾ وارثن جو احتجاج ختم ڪرڻ کان بعد ۾ مقتول جي وارث (عبرت) سان ڳالهائيندي چيو تہ نوجوان جا جوابدار گرفتار نہ ٿيا تہ ٻن ڏينهن کان بعد ۾ ٽيڪنڪريالي ۽ گاڏيون ڀري ايس ايس پي دادو جي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻيون ويندو

بقايا	30	جوانت آندو

گهر اندر پوتي سان ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي اطلاع ملڻ تي ڪوٽ غلام محمد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ تعلقہ اسپتال ڪوٽ غلام محمد منتقل ڪيو واقعي ڪانيوءَ گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو آهي

بقايا	31	ڌوهاري مارجي ويا

جوابدارن جو تعلق افغان ٽي ٽي پي ڪمانڊر فيض محمد عرف فيضي جي گروپ سان هو جيڪي سهراب ڳوٺ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ڀتو خوري ۾ ملوث هئا هن ٻڌايو تہ پوليس کي اطلاع ملي هئي تہ


ڊائريڪٽوريٽ آف ٽائون پلاننگ
ملير ڊيولپمينٽ اٿارٽي .
ڪراچي تاريخ:/ /20

فون: 70-99244761 ، فيڪس: 99244766
اي ميل: Info@mda.gos.pk
.Head Office:G-4/B, Block-17, Gulshan-e-Iqbal, Karachi

عام اطلاع

عنوان: ديهہ بازار، ٽپو درساڻو چنو، تعلقو مراد ميمڻ، ضلع و ملير، ڪراچي جي سروي نمبر 76 ۽ 108 مان حاصل ڪيل 10 ڪان 37 ايڪڙ زمين تي تجويز ڪيل ڪمرشل لي آئوٽ پلان جي منظوري بابت .

هر عام ماڻهو کي آگاهہ ڪيو وڃي ٿو تہ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر-I، ضلعو ملير، ڪراچي طرفان ديهہ بازار، ٽپو درساڻو چنو، تعلقو مراد ميمڻ، ضلعو ملير، ڪراچي جي سروي نمبر 76 ۽ 108مان حاصل ڪيل 10 ڪان 37 ايڪڙ زمين جي ڪمرشل لي آئوٽ پلان جي ملڪيت جي حق (ٽائيٽل) جي تصديق ڪندي اهو پلان ڊائريڪٽر جنرل، ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي (MDA)ڏانهن اماڻيو ويو آهي .
اها زمين جناب محمد عمران ولد محمد فاروق ،ڪمپيوٽرائز شناختي ڪارڊ نمبر:42201-9654421-3 رکندڙ، فليٽ نمبر: 506، النور گارڊن شرف آباد ڪراچي جي رهواسي جي حق ۾ ڏني وئي آهي . اها ڪارروائي سندس خط نمبر :DC/Malir/K/Rev.Br/1343/2026 تاريخ:03-07-2026 تحت ڪئي وئي آهي . جنهن سان گڏ مختيارڪار، تعلقو مراد ميمڻ، ضلعو ملير، ڪراچي جو خط نمبر /Mukh/M.M Malir/K/1106/2026 ،تاريخ:03-07-2026پڻ شامل هو.جنهن کي بعد ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر، سب ڊويزن مراد ميمڻ، ضلعو ملير، ڪراچي طرفان پنهنجي خط نمبر: AC/M.M/Malir/K/488/ 2026 ، تاريخ : 03-07-2026 وسيلي رڳو پلاننگ جي نقطہ نظر کان لي آئوٽ پلاننگ جي منظوري لاءِ باضابطہ طور تي اڳتي روانو ڪيو آهي.
ان سلسلي ۾ ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي(MDA) ايڪٽ (1993-94)ءِ (ٻيهر بحال ڪرڻ ۽ ترميمي) ايڪٽ 2013 ۽KBTPR-2002(هن وقت تائين ترميم ٿيل ايڪٽ) ۽ ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي ٽائون پلاننگ ريگيوليشنز 2015 جي شق نمبر15.5-2تحت هي عوامي اطلاع جاري ڪيو وڃي ٿو.
جيڪڏهن ڪنهن بہ لاڳاپيل شخص (شخصن) يا اداري (ادارن) کي ڄاڻايل ڪمرشل لي آئوٽ پلان بابت ڪو اعتراض هجي تہ هو لکت ۾ پنهنجا اعتراض ڊائريڪٽر جنرل، MDA، ڊائريڪٽر (اسٽيٽ اينڊ انفورسمينٽ) يا ڊائريڪٽر ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ، MDAG-4/B، بلاڪ 17، گلشن اقبال، ڪراچي جي ايڊريس تي يا هنن فون نمبرز:021-99244762،021-99239120تي هن اشتهار جي اشاعت جي تاريخ کان ست (7) ڏينهن اندر سڌو سنئون جمع ڪرائي سگهي ٿو.
مقرر مدي کان پوءِ وصول ٿيل ڪنهن بہ اعتراض تي غور نہ ڪيو ويندو.
لوڪيشن پلان:



INF/KRY/3021/2026

اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (ٽي پي)
ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ
ملير ڊيولپمينٽ اٿارٽي
فون: 021-99239120، 021-99244762

i WORK FOR SINDH — www.iwork4sindh.com — JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BIDS

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited for the following:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LD-PT-PROD-328621303-2026	SUPPLY OF FURNITURE FOR CONFERENCE ROOM	03.08.2026 AT 1130 Hrs
2.	OGDC-SCM-LC-PT-PNP-UCH-328573173-2026	SUPPLY OF SULPHURIC ACID	03.08.2026 AT 1130 Hrs

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date and time.
3. Tender Notice and detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com /profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com
No.23/02

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج بدين
فيملي سوٽ نمبر151 سال 2026

مسمات لطيفان ڌيءَ بابو ذات خاصخيلي رهندڙ بانڊ پور نزد بابا عطاءِ چڪي بدين. پلينٽف.بخلاف. نياز علي ولد الله بچايو ذات خاصخيلي رهندڙ پيارو خاصخيلي تعلقو ٽنڊو باگو ضلعو بدين ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن تہ مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 29-07-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج بدين

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج جي اير IIقاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر53 سال 2026

مسمات نسيم ڌيءَ محمد اسحاق ڏايو رهندڙ پير محمد ڪالوني قاضي احمد .. پلينٽف.بخلاف. نواب علي ولد احمد ڏايو رهندڙ محلہ پورو ڪوسو تعلقو سيوهڻ ضلعو ڄامشورو ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن تہ مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس جهيز جي واپسي ۽ حق مهر لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 20-07-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج جي اير IIقاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج بدين
فيملي ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 11 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر378 سال 2025

مسمات راحيلہ ڌيءَ مرحوم گل حسن زال عبدالحميد ذات نظاماڻي رهندڙ ڳوٺ خان محمد نظاماڻي ضلعو بدين. پلينٽف.بخلاف. عبدالحميد ولد غلام مصطفيٰ ذات نظاماڻي رهندڙ ڳوٺ محمد ابراهيم نظاماڻي تعلقو ماتلي ضلعو بدين ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن تہ مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13 فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 25-07-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج بدين

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
گارڊين سوٽ نمبر9 سال 2026

معشوق علي جتوئي ولد سائين بخش رهندڙ گهر نمبر 4 پيرا ميڊيڪل نوابشاهہ .. ايپليڪينٽ.بخلاف. (1) شازيہ معشوق زال معشوق (2) صفير علي (3) حنا علي (4) حفظ علي (5) مسڪان علي (6) انيشا علي (7) دعا علي (8)محمد عون سڀ پٽ ڌيئرون معشوق علي (9) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ......اپوننٽس

.نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن تہ مٿئين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن (1) محمد نعمان علي جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ ...

ڄامشورو سنڌ يونيورسٽي هائوسنگ سوسائٽي ۾ ماءُ پيءُ جو اڪيلو نوجوان گم، وارثن جو مظاهرو، ڌرڻو

نوجوان مئٽرڪ شاگرد جنيد نوحاڻي هوٽل مزدور اياز نوحاڻي ۽ سجاول گرگيز پُراسرار نموني گم ٿي ويا

مختلف ٿاڻن تي گمشدگي جون رپورٽون داخل ڪرائڻ باوجود نوجوانن جو ڪريءُ ڏس پتو نه مليو

وارثن پاران سوسائٽي ڪان ريلي ڪڍي سنڌ اسيمبلي سامهون ڌرڻو هنيو، نوجوانن جي بازيابي جو مطالبو



ڄامشورو: نوجوانن جي گمشدگي خلاف سنڌ وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان پوليس پاران مقابلي بعد هڪ زخمي سميت ٽي ڄوابدارن جي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڪوٺ حسين خان لغاري ٻاهر پاس وٽ ڊڪيا ٿي هئا ئي اڙي جي اياري ڄوابدارن ڏسندي ئي فائرنگ ڪري ڏني: پوليس

ڄوابي فائرنگ ۾ مختيار علي ولد عثمان ملاح زخمي ۽ اسد علي ولد نظير احمد حجام جي گرفتار

ڄوابدار مختيار مختلف ٿاڻن تي ڪوري ۽ ڌاڙن، پوليس مقابلي ۽ ٻين 16 ڪان وڌيڪ ڪيسن ۾ گهربل هو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5



دادو: ن ليگ جي اڳواڻ پير مظهر الحق جي اوڏ پ پ ۾ شامل ٿي رهيو آهي



حيدرآباد: ڦليلي ۾ پاڻي اچڻ بعد ڪناري تي آباد گهرن ۾ پاڻي داخل ٿي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ عورت جو مڙس سان گڏجي ٻاڙين جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ پينشنرز ۽ جائز حقن جي حاصلات لاءِ اجلاس مختلف قرار داڪون منظور

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي صحافي زبير سومرو جو وڏو پاڻ تعليمي ماهر ياسين سومرو لاڏاڻو ڪري ويو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5



ٽنڊو محمد خان: عبرت رپورٽر عبدالرشيد سومرو جيڪو زخمي ٿيو

ٻلڙي شاهه ڪريم جو صحافي عبدالرشيد سومرو هٿيارٻند سوارن جي حملي ۾ زخمي

ڄامشورو ۾ لڳ مقتول نوجوان جا قاتل گرفتار نه ٿيا، وارثن جو ڏکڻ، پوليس خاموش

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5



ڪنڊيارو: نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

باقراڻي پوليس انعام يافته ڌاڙيل جي هٿيار سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم ۽ پرياسي ۾ مختلف حادثن ۾ واقعن ۾ هڪ عورت سميت 17 ڄڻا زخمي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪنڊ ڪوٽ ۾ 8 ڏينهن کان ڪلچرڪ ۽ ڪرنٽ لڳڻ سبب زخمي ٿيل ٻار

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۽ پرياسي ۾ بجلي جي بدترين لوڊشيڊنگ، شهري پريشان، احتجاج جو اعلان

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم ۾ شادي شده عورت پاران آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش اسپتال داخل

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5



ڪراچي: پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ فورم جي تقريب ۾ شريڪ مهمانن جو گروپ فوٽو

چمبڙ مدرسي واقعي جو ڪيس داخل، ٻه ڄوابدار گرفتار، ٽينگر جي قتل ڪرڻ جو اعتراف

پوليس ٽينگر عمران ڪوراڻي جي والد علي نواز ڪوراڻي جي فرياد تي ڪيس داخل ڪري ڄوابدار گرفتار ڪيا

مک ڄوابدار نور علي ٻير جو وڌيڪ بعد زهريلي نشي آور شئي ڏيئي ڪرائڻ بعد قتل جو اعتراف ڪيو آهي: پوليس

ٻي سکهي ٿو ته وڌيڪ ڄوابدار ملوث هجڻ اهڙن سان ڪيس جي باريڪي سان ڏسي رهيا آهيون: ايس ايس پي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

سنجهورو لڳ پوليس جي ڳوٺ تي چڙهائي، اهلڪار جي زخمي ڪنڌر ڄوابدار جو گهر ڊاهي ڇڏيو

شهدادپور پوليس اٿالن بکٽر بند گاڏي ۽ ڪرين مشين سان گڏ ڳوٺ محرم رند تي چڙهائي ڪئي

ڄوابدار هٿ نه اچڻ تي ست گهرن کي ڊاهي ٻه ٻار پڪڙ بعد ڇوڙايو مال ۽ قيمتي سامان جي قرلت ڪئي

پوليس ڪرين مشين سان اسان جا گهر ڊاهي ٻي گهر ڪري وڏو ظلم ڪيو آهي: متاثرين

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ وڌندڙ بدامني، چورين، ڦرن، ڌاڙن ۽ منشيات جي ڪليل وڪري خلاف احتجاجي ريلي

ريلي ۾ سومرن، چانڊين، ملاحن، ميمڻن ۽ ٻين برادرين سان گڏ بدين بار جي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ صحافي محسن پتي جي وفات تي تعزيتي ميڙ ڪي لفظن جي پيشا پيش

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

باقراڻي حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان لاڙڪاڻو ٽراما سينٽر ۾ زخمن جو سور نه سهندي فوت

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪرنگهڻ پرسان نظاماڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي، 5 ڄڻا زخمي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

قتل جي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي هڪ ڄوابدار کي ڦاهي ۽ ٻئي کي عمر قيد جي سزا

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5



بدين: بدامني خلاف نڪتل ريلي ۾ شهرين جو وڏو تعداد شريڪ ٿيل آهي

عمرڪوٽ ويجهو شادي شده عورت ڦاهو کائي زندگي جو انت آندو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5



ڪرنگهڻ: جهيڙي ۾ زخمي ٿيلن جو اسپتال ۾ علاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور ۾ ڳوٺاڻن جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ويجهو نوجوان استاد جي شاخ مان لاش هٿ، پوليس پاران جاچ شروع

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ بيٺڪ جو پاڻي بند ڪرڻ خلاف رهواسي روڊن تي نڪري آيا، ميونسپل آفيس جو گهيراءُ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر ويجهو موٽر سائيڪل ۽ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽڪر، ماءُ معصوم ٻار فوت، مڙس زخمي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ وارداتن جو آءِ جي سنڌ نوٽيس ورتو، ايس ايس پي کان تفصيل طلب

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5



اسلام آباد: ٻه مزدور شديد گرمي سبب ريڙهي تي آرام ڪري رهيا آهن



بدين: برسات جي آمد کان اڳ سم نالن جي کاٽي ڪرائي پئي وڃي

گمبٽ جي ڪچي نوجوان جو لاش هٿ، سڃاڻپ بعد وارثن حوالي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ميهڙ لڳ ٻن نوجوانن پاران الڳ الڳ آپگهاتن، گهرن ۾ ڪهرام

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5



ڳوٺ غلام محمد: ناري جو سنڌي چوري جو شڪار ٿيل لاش

ڪوٽ غلام محمد لڳ گهريلو اڻبڻت تان ناري زندگي جو انت آندو

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو لڳ قتل ٿيل طالب ڪلهوڙو جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاجي ڌرڻو

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

گڙهي ياسين ۾ ميمڻ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي، 2 ڄڻا زخمي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5



ملتان: موٽرسائيڪل سوار ٻه ڄڻا ٻڪري کڻي وڃي رهيا آهن

ڪراچي ۾ مقابلا ۾ دهشتگردن سميت 3 ڌاڙيل مارجي ويا

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٻي ٻي آر پي ڪوٽاڻين جي معيشت ۽ سيٽ تبديلين آئي رهيون آهن: سکهيو هيمناني

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان نور پور ڊرگهام تي ٻيهرن کي اڳجهاتل ماڻهو کاڌي ۾ زهر ڏئي ويا، سول اسپتال منتقل

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ غير قانوني طور تي رهندڙ پرڏيهي شهرين خلاف ڪريڪ ڊائون جاري، 11 افغاني گرفتار

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5



اسلام آباد: سبزي ۽ فروٽ مارڪيٽ ۾ گدرا وڪري لاءِ سجايل رکيل آهن



ڪنڊڪوٽ: ٻريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڊڪوٽ ۾ گولا ۽ چڇڻ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي، عورت قتل، مڙس ۽ ٻه پٽ زخمي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

باقراڻي لڳ ڪرڻ نوجوان لاڙڪاڻي مان پراسرار نموني گم، وارث سخت پريشان

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪنڊ ڪوٽ ٻريا ڪمار سميت اغوا ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي لڳ دڪان تان لکين روپين جي ڦر، وڌندڙ بدامني خلاف واپارين جي هڙتال، ڪاروبار بند

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ سيلا ڪئمپ جي ڪپل نوجوان جي وارثن جو عورتن ۽ ٻارڙن سان گڏجي ڌرڻو

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ پاران واقعي جو سخت نوٽيس، ايس ايس پي کان تفصيل طلب

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5



ڪوٽڙي: بدامني خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

وليڪا اسپتال ۾ انفڪشن جي روڪٿام ۽ ڪنٽرول بابت سفارشن لاڳو نه ٿيڻ جو انڪشاف

سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي معائني ۾ استعمال ٿيل سرنجون شارپ ويسٽ بنن ۾ موجود نه هيون: ترجمان

طبي عملو استعمال ٿيل سوئين جي تلفي جي صحيح طريقيڪار بابت مناسب ڄاڻ ڏيڻ ۾ ناڪام رهيو

اسپتال جي عملي کي طبي فضلي جي محفوظ نيڪال بابت به باقاعده تربيت ناهي ڏني وئي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: ستار شاهه قبرستان واري روڊ تي گٽرن جو پاڻي بيٺل آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.